# سِنڌيَت جي سُڳَنڌِ

# (An Intermediate Course in Sindhi)

ڪنعيالعل ليکواڻي

ڀارتيه ڀاشا سنستان، مئسور
مانوَ سنساڌن وڪاس منتراليه
سکيا وڀاڳ
ڀارت سرڪار

# سِنڌيَت جي سُڳَنڌِ

## (An Intermediate Course in Sindhi)

CENTRAL INSTITUTE OF INDIAN LANGUAGES
PUBLICATION NO.448

Major Indian Languages: Sindhi - Arabic

# سِنڌيَت جي سُڳنڌِ

(An Intermediate Course in Sindhi)

ڪنعيالعل ليکواڻي

ڀارتيه ڀاشا سنستان، مئسور
مانوَ سنساڌن وڪاس منتراليه
سکيا وڀاڳ
ڀارت سرڪار

**Sindhyat Ji Sugandh**, an Intermediate Course in Sindhi - Arabic
Kanhaiyalal Lekhwani

First published: October 1999 / Asvina 1921

*© Central Institute of Indian Languages, Mysore 1999*

This material may not be reproduced or transmitted in any form or by any means, electronic, or mechanical, including photocopy, recording, or any information storage and retrieval system, without permission in writing from the publisher.

*Address for correspondence:*
Director
Central Institute of Indian Languages
Manasagangotri, Vinoba Road
MYSORE 570 006, INDIA.

Phone: 91-821-515558, 515820.
Telex: 0846-268 CIIL IN,
E.mail: ciil@giasbg01.vsnl.net.in,
Grams: BHARATI
Fax: 0091-821-515032
Website: http://www.ciil.org

ISBN-81-7342-047-5

Price Rs. 80.00

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Published by Dr. N. Ramaswami, Director I\c., for
Central Institute of Indian Languages, Mysore.
Printed by Mr. S.B.Biswas, Manager, at
CIIL Printing Press, Manasagangotri, Vinoba Road,
Mysore 570 006, India.
Production: K. Srinivasacharya

# FOREWORD

The Central Institute of Indian Languages was established on 17th July 1969 to help, evolve and implement the language policy of the Government of India and to coordinate the development of Indian languages through research, training, material production for their use in education, administration and other public domains. The Institute has six Regional Language Centres to impart 10 months intensive training in modern Indian languages to the teachers deputed by their respective State Governments and Union Territories. This 10 months training programme is divided into three levels Basic Course, Intermediate Course and Advanced Course. The Centres not only produce teaching materials and also supporting materials like audio and video cassettes.

The materials which are produced in the Regional Language Centres are specialized in nature as they are designed and produced to suit the need of the second language learners to develop all the four skills, namely, listening, speaking, reading and writing within a short duration of 10 months.

The Intensive Course or Basic Course aims at developing the skills of listening and speaking; the Intermediate Course aims at developing the skills of reading and writing; and the Advanced Course aims at developing interest and skill in appreciating the literature.

The present volume, *Sindhyat Ji Sugandh,* an Intermediate Course in Sindhi prepared by Dr. Kanhaiyalal Lekhwani for the Central Institute of Indian Languages on the above mentioned model to suit the needs of those

who want to learn Sindhi as second language. If the present volume helps the learners to develop all the four language skills in Sindhi, then the aims of the Institute will be fulfilled.

**(N. Ramaswami)**
**Director I\c.**

## ACKNOWLEDGEMENT

It is my pleasant duty to acknowledge my indebtedness to the persons from whom I received help and guidance while working on the present book.

I am grateful to all the authors and scholars who helped me directly or indirectly to write lessons on different topics. I am thankful to the Editor 'Hindustan' Sindhi daily for his generous permission to include one editorial and two news items in the present textbook.

I am thankful to the Director, Central Institute of Indian Languages and Dr. J. C. Sharma, Prof.-cum-Deputy Director for their encouragement and guidance. I am grateful to Dr. M. S. Thirumalai Ex. Prof.-cum-Deputy Director for his guidance regarding the topics and different types of exercises covered in the book. I thank Dr. Dutta Baruah, Reader-cum-Research Officer under whose supervision the work was completed. I sincerely thank Mr. K. T. Vasnani who has gone through the whole manuscript critically and gave many valuable suggestions. I am thankful to Dr. Usha Nair for her help and encouragement. I am also thankful to Smt. Suman Belwalkar with whom I could discuss some aspects about the work.

I must acknowledge the several batches of Sindhi teacher trainees on whom these lessons were tried out. I thank Ms. Jyoti Uttamchandani for her assistance to prepare the press copy. I am also thankful to Shri H. J. Samtani, Proprietor MSP Pagesetters Pune for composing and pagesetting and Manager, CIIL Printing Press Mysore for the neat execution of printing of this volume.

**KANHAIYALAL LEKHWANI**

# مهاڳ

ڀارتيہ ڀاشا سنسٿان ڏواران پنهنجي استاپنا (1969) کان وٺي کوجنا، سامگري نرماڻ ۽ ٽريننگ وغيره ذريعي ڀارتي ڀاشائن جي واڌاري ۽ واهپي لاءِ انيڪ ڪوششون ڪيون وڃن پيون.

اسان جي ملڪ جي سڪولن ۾ ٻٻولي سرشتو عمل ۾ آڻڻ جي مراد سان هن سنسٿان جي جدا جدا سينٽرن ۾ ماسترن کي پنهنجي ماتر ڀاشا کانسواءِ ٻيون مکيہ ڀارتي ٻوليون سيکارڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي جئن هو اهي نيون ٻوليون سکي پنهنجي سڪولن ۾ وڃي شاگردن کي مکيہ ڀارتي ٻوليون سکڻ جا وڌيڪ وجهہ ميسر ڪرائي سگهن.

ماسترن لاءِ ڏهن مهنن جي هن ڪورس کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي : بنيادي اڀياس، درمياني اڀياس ۽ اوچ اڀياس. بنيادي اڀياس دوران 'اين انٽينسو ڪورس اِن سنڌي' ذريعي بنيادي ڀاشا رچنا جو اڀياس ڪرايو وڃي ٿو. شروعاتي پڙهڻ لکڻ سيکارڻ لاءِ 'پنهنجي ٻولي سنڌي - ڀاڱو پهريون' جو پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هن اڀياس جي مکيہ مراد اها آهي تہ نئين ٻولي سکندڙ روزمره جي وشين تي سوليءَ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ٻولهائي ۽ لکي پڙهي سگهن.

درمياني اڀياس لاءِ 'سنڌيت جي سڳنڌ' نالي سان ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي جنهن جي آڌار تي سکيل نون لفظن ۽ ڀاشا رچنا جو جدا جدا وشين ۽ حالتن ۾ استعمال ڪرڻ جو اڀياس ڪرايو وڃي ٿو. سنڌي ريتين رواجن ۽ ڏڻ وارن جي پڻ کين ڄاڻ ڏني وڃي ٿي جئن هو صحيح معنيٰ ۾ سنڌي سماج کي سمجهي سگهن ۽ پنهنجي ريتين رواجن ۽ ڏڻ وارن جي ڄاڻ ڏيئي سگهن. ان کانسواءِ هو سنڌيءَ ۾ عام وشين بابت ننڍا ننڍا ليک، ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا پڙهي سگهن ۽ سوليءَ سنڌيءَ ۾ زباني توڙي لکت روپ ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪري سگهن.

اوچ اڀياس لاءِ 'ادبي گلدستو' تيار ڪيو ويو آهي. هن اڀياس دوران کين ٿوري ۾ سنڌي ساهت جي اتهاس جي ڄاڻ ڏيئي سنڌي ادب جي جدا جدا شاکن جي ڪن چونڊ رچنائن جو رس وٺايو وڃي ٿو جئن هو سنڌي ادب سان واقف ٿي ان کي ماڻي ۽ ساراهي سگهن. ان سان گڏوگڏ کين تنقيد ۽ ترجمي لاءِ پڻ همٿايو وڃي ٿو. هو پنهنجي سڪولن ۾ شاگردن کي نئينءَ ٻوليءَ جي روپ ۾ اثردار نموني سنڌي

ڪيئن پاڙهي سگهن ٿا ان بابت پڻ سندن رهنمائي ڪئي وڃي ٿي. 'سنڌيت جي سڳنڌ' ڪتاب ۾ ڪل ٣٠ سبق ڏنا ويا آهن جن مان ٽي سنڌيءَ جا مشهور ٻال گيت (جو ڪير پٽي، واهه ڙي تارا ۽ منهنجي امڙ) آهن ۽ هڪ سمپادڪي ليک آهي. باقي سڀ سبق هن ڪتاب جي ليکڪ ئي لکيا آهن. اهي سبق تيار ڪرڻ وقت انيڪ ليکڪن ۽ ڪتابن جي مدد ورتي ويئي آهي ۽ ڪيترن ودوانن جا رايا پڻ ورتا ويا آهن. ليکڪ انهن سڀني ودوانن جو ته دل شڪرگذار آهي. اهي سبق شاگردن جي ضرورت ۽ قوت کي ڌيان ۾ رکي روزمره جي سوليءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيا ويا آهن. جتي ضروري سمجهيو ويو آهي اتي سبقن جي پٺيان تهذيبي نقطن جي ٿوري ۾ ڄاڻ ڏني ويئي آهي. ان بعد سبق ۾ آيل چونڊ نون لفظن، اصطلاحن ۽ پهاڪن وغيره جي معنيٰ ڏني ويئي آهي جئين شاگرد پاڻ سبق چڱي طرح سمجهي سگهن ۽ ٻين حالتن ۾ انهن جو استعمال ڪري سگهن.

هر سبق جي پڇاڙيءَ ۾ اڀياس ڏنو ويو آهي. اڀياس ۾ ٻن قسمن جا سوال پڇيا ويا آهن: وشيه بابت ۽ ڀاشا رچنا بابت. وشيه بابت پڇيل سوالن جي پٺيان اها مراد آهي ته شاگرد سبقن ۾ آيل مول ڀاون کي سمجهي پنهنجي لفظن ۾ اظهاري سگهن. سبقن جي وشين جي آڌار تي ڪي سوال شاگردن جي سماج جي ڏڻ وارن ۽ ريتين رواجن بابت پڻ پڇيا ويا آهن. ڀاشا رچنا جا سوال مثالن جي آڌار تي پڇيا ويا آهن جن سان سندن ٻوليائي قوت ۾ سهاويڪ نموني واڌارو ٿيندو.

اُميد ته نئينءَ ٻوليءَ جي روپ ۾ سنڌي سکندڙن لاءِ هي ڪتاب ڪارائتو ثابت ٿيندو. اڄ ڀارت ۾ سنڌين جي ٻوليائي ماحول کي ڏسجي ته خبر پوي ٿي ته ڪيترين حالتن ۾ هو پنهنجي تهذيبي ۽ ادبي ورثي کان ڪٽجي رهيا آهن. ان سبب عام سنڌين توڙي غير سنڌين لاءِ دستوري توڙي غير دستوري سطح تي سنڌي سکڻ/سيکارڻ لاءِ پڻ هن ڪتاب جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.

تعليمدان ۽ شاگرد هن ڪتاب بابت پنهنجا قيمتي رايا موڪليندا ته ليکڪ سندن نهايت ٿورائتو ٿيندو.

ليکوائي

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١. نِماڻي نوري | 1 |
| ٢. ڏياري | 8 |
| ٣. نِرموهي ڪَنوَرُ | 14 |
| ٤. ٻاراڻيون رانديون | 19 |
| ٥. جو ڪيرُ پيئي | 26 |
| ٦. سنڌي لوڪ ناچ | 27 |
| ٧. شاديءَ جون ريتيون رَسمون | 30 |
| ٨. تهذيبي وَرثي جي اَڻمُلُ ڪَڙي - موئن جو دَڙو | 39 |
| ٩. سِنڌيَتَ ڏينهُن - چيٽي چَنڊُ | 45 |
| ١٠. واه ڙي تارا | 50 |
| ١١. عُمَرُ مارئي | 51 |
| ١٢. آسانجا ڏِڻَ وارَ | 57 |
| ١٣. اَمَرُ شَهيدُ هيمو ڪالاڻي | 64 |
| ١٤. ڀَڳَتِ | 69 |
| ١٥. مُنهِنجي اَمڙِ | 74 |

| | |
|---|---|
| ١٦. سِنڌي ٻولِي | 77 |
| ١٧. ڪَرمَ يوگِي - ساڌوُ واسواڻِي | 83 |
| ١٨. بَددُعا يا دُعا | 88 |
| ١٩. هاڪِي | 93 |
| ٢٠. قُدِرَتَ جا نَظارا | 97 |
| ٢١. تَوانائِيءَ جو خَزانو : ايٽَمُ | 99 |
| ٢٢. وَتائي فَقِيرَ جا قِصا | 106 |
| ٢٣. سِنڌيِ فِلمَ - آَباڻا | 112 |
| ٢٤. ڳوٺَ جِي ڪوٺَ | 117 |
| ٢٥. مان آهيان سِنڌو | 121 |
| ٢٦. سنڌيءَ جو سِرمورُ- شاهُ لَطِيفُ | 125 |
| ٢٧. ڪامپيوُٽَر يُگُ | 131 |
| ٢٨. قوَمَ جو آتَم ٻَلُ | 136 |
| ٢٩. نيلسَن مَنڊيلا - زِندَهَ باد (سَمپادَڪِي ليکُ) | 141 |
| ٣٠. دوستَ ڏانهُن خَطُ | 147 |

# ١. نماڻي نوري

هيءَ ڳالهه اُن زماني جي آهي جڏهن سنڌ ۾ سمي گهراڻي جي حاڪم جام تماچيءَ جو راڄ هو.

جام تماچي شيل شڪار جو ڏاڍو شوقين هو. هڪ ڏينهن هن بيڙيءَ ۾ چڙهي ڪينجهر ڍنڍ جو سير پئي ڪيو ته سندس نظر وڃي نوريءَ تي پيئي. بس اُتي ئي هو سندس سونهن تي دل هاري ويٺو. محل ۾ موٽيو ته سهي پر نوريءَ جي سونهن کي وساري نه سگهيو. سموري پُڇا ڳاڇا ڪرايائين ته هوءَ ڪير آهي؟ ڪٿي رهندي آهي؟ ڪنهن جي ڌيءُ آهي؟

نوري هئي مهاڻي. سندس ذات وارا ڪينجهر ڍنڍ تي بيڙين ۾ ئي رهندا هئا. انهن مسڪينن جي گذران جو وسيلو هو مڇيون مارڻ. مرد مڇيون ماريندا هئا ۽ زالون وڃڻ تي ويهي مڇيون وڪڻنديون هيون. هو ڪارا ڪوجها هئا جن جي بدن مان پيئي مڇين جي بانس ايندي هئي، پر سندن نينگر نوري ته چنڊ کان به سندر هئي.

جام ڪهي آيو مهاڻن وٽ ۽ ڪانئن نوريءَ جو سڱ گهريائين. مهاڻن جي ته ڄڻ الله ٻڌي. ٻنهين جي شادي ٿي. جام خوش ٿي سندن ڏلون محصول معاف ڪري ڇڏيا ۽ ڪينجهر ڍنڍ سندن جاگير بڻائي ڇڏي.

جام نوريءَ کي محل ۾ آڻي راڻين ۾ راڻي ڪري ويهاريو. پر ان سبب نوريءَ ڪڏهن به گهمنڊ ڪونه ڪيو. نياز ۽ نئڙت جي مورت هئي نوري. جهڙي هئس صورت تهڙي هئس سيرت. سدائين ڇوندي رهندي هئي، ”مان ته آهيان بيشمار عيبن واري معمولي مهاڻي. مان ته ڪنهن ساراهه جي لائق آهيان ئي ڪين. هيءَ ته توهانجي مهر آهي جو مون

٣) سَرڪارِ ڪيتيءَ جي واڌاري لاءِ ڪروڙن جي تعدادَ ۾ رُپيا
خَرچ ڪَري پيئي.

سُوالُ ٩ مِثالُ موُجِب جُملا ڦيري لکو :

مِثالُ : سَندَس ڪَپڙا ڦاٽي ويا هُئا.
سَندَس ڪَپڙا ڦاٽل هُئا.

١) سَڀُ مَٽَ ڍَڪي پاڻيءَ سان ڀَريا ويا هُئا.
٢) اِهو سَبَقُ پَڙهيو ويو هو.
٣) اِها ڳالهہ سَڀني کي ٻُڌائي ويئي هُئي.
٤) اِهي سِٽُون بورڊَ تي لکيُون وييوُن هيوُن.

سُوالُ ١٠ ڏِنَلَ لَفظَن جا جوڙا ڀَري جُملا پوُرا ڪَريو :

(جي - سي، جو - سو، جا - سا، جَنهِن - تَنهِن، جِن - تِن)

١) ــــــ شَخص کي پيَسي جي گهُرجَ هوندي هُئي، ــــــ کي سَنتُ ڪَنوَرُ مُٺِ ڀري پيَسا ڏيندو هو.
٢) ــــــ ماڻهُن سَندَس راڳُ ٻُڌو، ــــــ کيس خُوبُ ساراهيو.
٣) ــــــ عوَرَت ڌيءَ جي شاديءَ لاءِ پيَسا گهُرڻَ آئي هُئي، ــــــ غَريبُ هُئي.
٤) ــــــ شاهوڪارُ پيٽا کڻي آيو هو، ــــــ ڏاڍو نِراس ٿيو.
٥) ــــــ ماڻهوُ نِرموهي هوُندا آهِن، ــــــ پَنهِنجي فائِدي بابَتِ نہ سوچِيندا آهِن.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

اَڄُ سانجهيءَ جو تَوهين سَنبرجي ويهجو. تَوهان مان جَنهِنکي پَسَند ڪَندُسِ تَنهِن کي سيَرُ ڪَرائِڻَ وَٺي ويندُسِ. سانجهيءَ جو جامَ اَچِي ڏِلو بيوَن سَڀُ سَميوُن تَہ ڏاڍا هارَ سِينگارَ ڪري ويٺيوُن هُيوُن پَرَ نوُري بِنا ڪَنهِن هارَ سِينگارَ جي پَنهِنجي سادي اَباڻي وَڳي ۾ ويٺِي هُئِي. جامَ پُڇيُسِ، 'چو نوري، ٻيُنِ حاڪِمياڻيُنِ وانگُرُ تو هارُ سِينگارُ ڇو نَہ ڪَيو آهي ؟'

'حاڪِمَ جي مُحبَتَ ئي مُنهِنجو سِينگارُ آهي. موُنکي ٻيو ڪُجهه بہ نَہ کپي.' نوريءَ وَراڻيو.

جامُ وَٽِسِ اَچِي هَتَ کان وَٺي سيَرُ ڪَرائِڻَ ويو. اُنَ ڏِينهَن کان وَٺي هُنَ نوريءَ کي پَنهِنجي پَٽراڻي بَڻائي ڇَڏيو.

اَهڙيءَ ريتِ نوريءَ جي نِماڻائيءَ کيسِ معموُلي مُهاڻيءَ مان پَٽراڻيءَ جو اعليٰ دَرجي تي پَهُچايو.

**چوُنڊ نوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :**

**لَفظَ :** نِماڻو = نمرَتا وارو، نِهَٺو؛ **حاڪِمُ** = راجا؛
**حاڪِمياڻي** = راڻِي؛ **شيَلُ** = سيَرُ؛ **ڏِنڍَ** = سَرووَرُ، وَڏو تَلاءُ؛
**مُهاڻو** = مَڇيوُن پَڪڙِڻَ جو ڌَنڌو ڪَندَڙُ؛ **مِسڪِينُ** = غَريبُ؛
**واٽَ** = رَستو، راهَ؛ **ڪوجهو** = بَدصوُرَت؛ **نِينگَرُ** = ڪَنيا،
ڇوڪِري؛ **ڏَلُ** = ٽَئڪس، مَحِصوُلُ؛ **نيازُ** = نَمرَتا، نِهَٺائِي؛
**نِئڙَتَ** = نَمرَتا، نِهَٺائِي؛ **بيشُمارُ** = اَڻَ ڳڻِ، تَمامُ گهَڻا؛
**عيَبُ** = دوشُ، خامِي؛ **مَهِرَ** = ڪرَپا، دَيا؛ **طَنزَ** = طعنو؛
**نوُعُ** = ڍَنگُ، طريِقو؛ **وَرائِڻُ** = جَوابُ ڏِيَڻُ؛ **مَتانِ** = اِئين
نَہ ٿِئي؛ **پَشيمانُ** = شَرمِندو، لَڄِي؛ **نياپو** = سَنديشُ، پيَغامُ؛
**اَباڻو** = ماءُ پيءُ جي گهَرَ جو؛ **وَڳو** = ڪَپڙَنِ جو جوڙو؛
**خَسِيسُ** = معموُلِي، ساڌارَڻُ؛ **اعليٰ** = بِهتَرِينُ، سَڀنِي کان
سُٺو.

مِسڪِينَ کي ايڏو مانُ ڏِنو اَٿوَ!‘ نوريءَ جي اِنَ نِوڙتَ ٿي تہ موهيو هو جامَ کي!

نوريءَ جو مانُ وَڌندو ڏِسي ٻيون سَميون سَڙڻَ لڳيون ۽ ڪيسِ جامَ جي نَظَرُنِ مان ڪيرائِڻَ لاءِ پَهَ پَچائِڻَ لڳيون.

نوريءَ جو ڀاءُ سائُسِ گَڏجڻَ اَڪثَرِ مَحَلَ ۾ ايندو هو. سَميُنِ وَڃي راجا جا ڪَنَ ڀَريا تہ هِتِ نوريءَ کي جيڪي هيرا جَواهَرَ هَٿِ اَچَنِ ٿا سي وَڃي ٿي ڀاءُ هَٿِ پيڪي موڪِليندي.

هِڪِڙي دَفعي نوريءَ جو ڀاءُ مَحَلَ مان نِڪتو پئي تہ سامهون جامَ تماچيءَ کي ڏِسي هَٿَ ۾ جهَليَلَ هَڙَ لِڪائِڻَ جي ڪوشِشَ ڪَرَڻَ لڳو. تَڏَهِن سَميُنِ جو شَڪُ وَڌي ويو. هِڪَ سَميءَ پُڇيُسِ، ’مُهاڻا، ڇا پيو لِڪائين؟ ڪَنهِن ڏِني اَٿيئي اِها هَڙَ؟ پيڻَ ڪا سوکِڙِي تہ ڪانہ ڏِني اَٿيئي پيڪَنِ لاءِ؟‘

’هيڏانهُن ڪَرِ، حاڪِمُ بِہ تہ ڏِسي اِها سوکِڙي.‘ ٻيءَ سَميءَ طَنزِي نوعَ ۾ چيو.

هُنَ هَبڪَندي اُها هَڙَ جامَ جي حَوالي ڪَئي. جامَ هَڙَ کولي ڏِٺي تہ سَڀُ وائِڙا ٿي ويا. هَڙَ ۾ هِڪَ رِڪيبي ٻَڌَلَ هُئي، جَنهِن ۾ ڏوڏي جا سُڪا ٽُڪَرَ ۽ مَڇيءَ جا ڪَنڊا پيا هُئا. جامَ عَجَبَ وِچان نوريءَ کان پُڇيو، ’هيءُ ڇا نوري! تون تہ حاڪِمياڻِي آهين، تَنهِن هوندي بہ هيءُ سُڪو ڏوڏو ۽ مَڇي ٿي کائين؟‘

نوريءَ نِماڻائيءَ سان وَراڻيو، ’سائين مان تہ سَدائين پاڻَ کي پَنهِنجو اَصُلُ يادِ ڏيارِيندي آهيان. مَتان هِتان جا طعامَ ڏِسي مون مُهاڻيءَ جو مَنُ ڦِري وَڃي، گهَمَنڊُ اَچِي وَڃي!‘

سَميون پَنهِنجي ڪَئي تي پَشيمانُ ٿيون ۽ پاڻَ ۾ ڀينرُنِ جِيان رَهڻَ لڳيون.

هِڪَ دَفعي جامَ سَيِني راڻيُنِ ڏانهُن نياپو موڪِليو تہ

اصطلاح : نَظَرُن مان ڪِرائِڻُ = بي عِزت ڪَرَڻُ، پَهَ پَچائِڻُ = رِٽَ رَٽَڻُ، يوجنا ٺاهَڻُ، ڪَنَ پَرَڻُ = پَرڪائِڻُ، چُغلي هَڻَڻَ، وائِڙو ٿِيَڻُ = عَجَب ۾ پَوَڻُ.

## اَڀياسُ

**سُوالُ ١** سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) جامَ تَماچِيءَ کي ڇا جو شَوقُ هو؟
٢) هُو سيرَ ڪَرَڻَ ڪيڏانهَن ويو ۽ اُتي هُنَ ڪَنهِن کي ڏِٺو؟
٣) مُهاڻا ڇو خُوشِ ٿيا؟ جامَ تماچيءَ خُوشِ ٿي کين ڇا ڏِنو؟
٤) سَميُنِ نوريءَ جي ٻاءُ بابَتِ ڪهڙي شِڪايَت ڪئي؟ ڇا سَندَنِ ڳالهہ سَچُ هُئي؟
٥) سَميُن پَنهِنجي ڪَئي تي پَشيمانُ ڇو ٿيُون؟ سَندنِ سُڀاوَ ۾ ڪهڙو ڦيرو آيو؟
٦) جامَ راڻيُن ڏانهَن ڪهڙو پيغامُ موڪِليو؟ پيغامُ ٻُڌِي سَڀني راڻيُن ڇا ڪيو؟
٧) نوري ٻَرالِيءَ جي پَڌَ تي ڪيئَن پَهُتي؟

**سوالُ ٢** حَوالا ڏيئي سَمُجهايو :

١) اِها تَہ تَوهان جي مِهرَ آهي جو مُون مِسڪِين کي ايڏو مانُ ڏِنو اَٿوَ.
٢) مان تہ سَدائِين پاڻَ کي پَنهِنجو اَصُلُ يادِ ڏِياريندِي آهيان.

**سوالُ ٣** ٿوري ۾ لِکو :

١) مُهاڻَن جي جِيوَتِ
٢) نُوريءَ جو نيازُ.

نَہ ڪَري سَگھَندو.

٣) جيڪي دِلِ لَڳائي ڪَمُ ڪَنِ ٿا سي زِندَگِيءَ ۾ ضَرُورُ ڪاميابُ ٿِيَنِ ٿا.

# ٢. ڏِياري

اَسانجي مُلڪَ ۾ دَسهِڙو، ڏِياري ۽ هولِي وَغيرَه ڏڻ قومي سَطَحَ تي مَلهايا وَڃَنِ ٿا. اِهي ڏڻَ مَلهائِڻَ جي طَريقي ۾ ڪافِي هِڪجهِڙائي هُوندي بہ ڪيترَ ۽ پَنگتي رَواجَنِ ۾ ٿورو گهڻو تَفاوَتُ رَهي ٿو.

گهڻي ڀاڱي سِنڌِي واپاري آهِنِ اِنَ ڪري ڏِياريءَ جي موقعي تي لَڇمِي پوڄا جي وَڏيڪَ اَهميَتَ آهي.

ڏِياريءَ کان ڪُجهہ ڏِينهَن اَڳہُ ئي تياريوُن شُروُع ٿي ويندِيوُن آهن. مَڪانَنِ ۽ دُڪانَنِ جي صافُ صَفائي ڪري، رَنگَ روغَنَ لڳائي نئون ڪيو ويندو آهي.

ڏِياريءَ جو ڏڻُ ٽي ڏِينهَن هَلَندو آهي. پَهريون ڏِينهُن ڏِياري يا لَڇمي پوُڄا، ٻيو ڏِينهُن ٻَڙُهہ ۽ ٽيون ڏِينهُن چَنڊُ.

لَڇمِي پوُڄا دُڪانَ تي ۽ گهرِ ٻِنهي هَنڌَ ڪَئي ويندي آهي.

دُڪاندارُ دُڪانَ کي گُلَنِ جي هارَنِ ۽ بِجليءَ جي روشنائيءَ سان سِينگاريندو آهي. دُڪانَ ۾ هِڪَ آستانَ تي لَڇميءَ جي موُرتيءَ اَڳيان پوُڄا جي سامگريءَ جي ٿالهِي ٺاهي رَکَندو آهي. ٿالهيءَ ۾ ڏِيئو، موڌَڪُ، سوپاري، چانوَرَ، چَندَن چوُرو، ڪلوريءَ ۾ ڪيرُ ۽ سِنڌُرُ رَکَندو آهي. اُنَ اَڳيان چوَپڙيوُن رَکندو آهي. مُقرَرُ وَقتَ تي مَهراجُ اَچِي پوُڄا ڪَندو آهي يا وَرِي دُڪاندارُ پاڻَ ئي پوُڄا ڪَندو آهي. پوُڄا بعدِ پَرسادُ ۽ مِٺايوُن وِرهائيبيوُن آهِنِ. نوڪَرَن کي مِٺايوُن، خَرچِي ۽ نوان ڪَپڙا ڏِنا ويندا آهِنِ. موٽَ ۾ سَڀُ دُڪاندارَ کي ڏِياريءَ جوُن واڌايوُن ڏِيندا آهِنِ.

هوڏانهُن وَري زالوُن گهرَ ۾ لَڇمِي پوجا جي تياري ڪَنديوُن. گهَرَ ۾ هِڪَ صافُ سُٿري آستان تي پِٽ تي چِٽَ چِلينديوُن

۽ ٻچڙن جي وڏي اورجا ۽ خوشحاليءَ لاءِ آسيس مڱنديون آهن. اِنَ کي ڇٺبو آهي اَکو پائڻ.

## اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالن جا جواب لکو :

١) ڏياريءَ کان اَڳُ ڇِهڙيون تياريون ڪيون وينديون آهن؟

٢) دُڪانَ تي سنڌي لکمي پوڄا ڪهڙيءَ ريت ڪندا آهن؟

٣) سنڌي گهرَ ۾ لکمي پوڄا ڪيئن ڪندا آهن؟

سُوالُ ٢ ٿوري ۾ لکو :

١) ڪلالي، ميلوڙو، ٻڙُهه، ڇنڊُ.

سُوالُ ٣ توهان جي ڪيترَ ۾ ڏياري ڪيترا ڏينهن ۽ ڪهڙيءَ ريت مَلهائيندا آهن، اُنَ جو ٿوري ۾ بيان ڪريو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لکو : نئون، اڳيان، سانجهي، خوشي.

سُوالُ ٥ جُملن ۾ استعمالُ ڪريو :

ڪِپڙن ۾ نه ماپڻُ، واڌايون ڏيڻُ، مَٿو نيڪڻُ.

سُوالُ ٦ معنيٰ سَمجهايو :

ڏياري ڏياري ميلوڙو

ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو ڏلو، نَنڍو وڏو ڇهڙُ ميلو ميلو.

سُوالُ ٧ ڏنل مثالن جي آڌارَ تي لفظ جوڙيو :

مثالُ : دُڪانُ - دُڪاندارُ

روزُ، پهرو، رشتو، واسطو، قرضُ.

٥) ڪُنَ جو عِلاجُ وَقتُ/وَقتَ/وَقتِ تي ڪِيَڻَ سَبَبِ هو ٻَچِي ويو.
٦) زِندَگيءَ ۾ ڪاميابُ ٿِيڻُو اَگَوَ تَہ وَقتُ/وَقتَ/وَقتِ اَجايو نَہ وڃايو.

✽ ✽ ✽ ✽ ✽

پاسي ۾ رکيون ۽ پنهنجو راڳ جاري رکيو. ڪجهه وقت بعد حلوو ٻڌندڙن ۾ اُني ئي ورهائي ڇڏيائين. سندس پاڙي ۾ هڪ غريب مائي رهندي هئي، جنهن جي ڌيءُ جي شادي ٿيڻي هئي سو سو رپيا اُن مائيءَ ڏانهن ڏياري موڪليائين.

ايتري ۾ هڪ مستاني عورت پڳت صاحب وٽ اچي پهتي. سندس ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل هئا. هن چيس، 'پڳت صاحب، سڀاڻي عيد آهي. منهنجا ڪپڙا ڦاٽي ويا آهن. مون کي هڪ نئون وڳو وٺي ڏيو نه.'

پڳت صاحب اهو وڳو ڪڍي اُن مستانيءَ کي ڏيئي ڇڏيو. هوءَ خوش ٿي کيس دعائون ڪندي هلي ويئي.

اهو سڀ ڏسي شاهوڪار جو منهن ئي لهي ويو. سندس منهن لٿل ڏسي پڳت صاحب چيس، 'جيڪا توهان پيلا ڏني، اسان ورتي. وري اسان اُها سائينءَ جي نالي ڏيئي ڇڏي.

اِن ۾ نراس ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي ؟'

اهڙو نرموهي ۽ ديالو هو سنت ڪنور!

٢ نومبر ١٩٣٩ع تي رڪ اسٽيشن تي ڪن خبيثن کيس پنهنجي گوليءَ جو شڪار بڻائي شهادت جو جامو پهرائي ڇڏيو. پر اڄ به هند توڙي سنڌ ۾ جتي ڪٿي کيس ساراهجي پيو، سندس نالو ڳائجي پيو.

چوند نوان لفظ ۽ اصطلاح :

لفظ : سمورو = سارو، سڄو ؛ حياتي = زندگي، جيون ؛

نرموهي = جنهن کي ڪنهن قسم جو موهه يا لوڀ نه هجي.

مومن = مسلمان ؛ واقعو = گهٽنا ؛ عرض = وينتي، پرارٿنا ؛

مائي = عورت، استري ؛ مستانو = پاڳل ؛ دعا = آسيس ؛

## ٣. نِرموهي ڪَنوَرُ

سِنڌُ جي پَوِترُ ڀومِيءَ تي جِن سَنتَن ۽ مَهاپُرشَن جَنمُ وَرتو آهي تِن مان سَنتَ ڪَنوَرامَ جو نالو پِڻ مَشهُورُ آهي. هِنَ سَنتَ پَنهِنجي سَموُري حَياتي ڀڳتِ، دِينَ دُکيُنِ جي شيوا ۽ هِندو مومِن ڀائيچاري ۾ لڳائي.

سَندَسِ جَنمُ ١٣ اَپريل ١٨٨٥ع تي سِنڌُ جي سَکَرَ ضلعي جي جَروارَنِ جي ڳوٺَ ۾ ٿيو هو. سَندَسِ پِتا جو نالو ڀائِي تاراچَندُ ۽ ماتا جو نالو تِيرٿَ ڀائِي هو.

ڪَنوَرُ نَنڍِپڻَ کان ئِي سَنتَ سڀاوَ وارو نِماڻو ۽ نِرموهِي هو.

سِنڌُ جي ڳوٺَ ڳوٺَ ۾ وَڃي جڏهِن هوُ ڀڳتِ وجهندو هو تہ هَزارين هِندوُ مومِنَ، غَريبَ اَميرَ، اَچي ڪٺا ٿِيندا هُئا. جڏهِن هوُ چِيرِ جامو ڀائي ڪَنَ تي هَٿُ رَکي راڳُ ڳائِيندو هو تہ راڳَ تي سَڀُ موهِتِ ٿِي پَنهِنجي سُڌِ ٻُڌِ وساري جهوُمَڻَ لڳندا هُئا ۽ سَندَسِ جهولِي روُپيَنِ سان ڀَري ڇڏِيندا هُئا. هوُ اُنَ جهوليءَ مان ڀائِي ٻہ پائَ نہ کڻندو هو. سَڀُ ڪُجهہ اُتي ئِي غَريبَنِ ۽ گهُرجائُنِ ۾ ورهائي ڇڏِيندو هو. پَنهِنجي ڪُٽنبَ جي گُذرانَ لاءِ نَنڍِڙو دُڪانُ هَلائِيندو هو.

سَندَسِ نِرموهِي سڀاوَ جا اِنيڪَ قِصا مَشهوُرُ آهِن جِن مان هِڪُ واقعو هِنَ رِيتِ آهي.

هِڪُ دَفعي جي ڳالِهہ آهي، هِڪُ شاهوُڪارُ وَڏيءَ سِڪَ ۽ شرڌا سان ڀڳتِ ۾ اَچي حَلوي جوُن ٻہ پيتيوُن، سَو روُپيا روڪَ ۽ هِڪُ ريشمي وَڳو سَنتَ ڪَنوَرَ اڳيان رَکيو ۽ هَٿَ جوڙي عَرضُ ڪَيو, 'هي وَڳو تَوهان جي گهَرواريءَ لاءِ آهي.'

ڀڳتَ صاحِبَ اِهي شَيوُن شانتِ سڀاوَ سان سويڪارُ ڪَري

سُوالُ ٣ توهان جي ڪيترَ جي ڪَنهن مَشهوُرُ سَنتَ پُرُش جي جاڻَ ٿوري ۾ لِکو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لِکو : گُوڻُ، جَنمُ، شاهوُڪارُ

سُوالُ ٥ جُملَن ۾ اِستعمالُ ڪَريو :
مُنهَن لَهي وَڃڻُ، شَهادَت جو جامو پَهرَڻُ، نالو کَڻِجَڻُ.

سُوالُ ٦ مِثالَن جي آڌارَ تي لَفظَ جوڙيو :
مِثالُ : گهرجَڻُ - گهرجائوُ
ڪَمائڻُ، ڪَڏائڻُ، خرچڻُ، اُڏائڻُ.
مِثالُ : موهِي - نرموهِي
گُڻُ، دوشُ، بَلُ، ڌَنَ، وِڪارُ.

سُوالُ ٧ مِثالَ موُجِب جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : هُنَ جي شادي ٿي.
هُنَ جي شادي ٿِيَڻي آهي.
١) سَندَس دوستَ اَسان جي گهر آيا.
٢) ٻَئي ساهيڙيوُن پمپريءَ وييوُن.
٣) سَندَس گهران خَطُ آيو.
٤) هوُءَ سِيني سان مِلي.

سُوالُ ٨ مِثالَ موُجِب جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : هُتي هزارَن جي تعدادَ ۾ ماڻهوُ ڪَٺا ٿِيندا هُئا.
هُتي هَزارين ماڻهوُ ڪَٺا ٿِيندا هُئا.
١) تَماشو ڏِسڻَ سڙڪَ تي سَوَن جي تعدادَ ۾ ماڻهو بيٺا هُئا.
٢) وَرهاڱي بعد لَکَن جي تعداد ۾ سِنڌي سِندُ ڇڏي آيا.

خَبيثُ = بيدَردُ، نِردَئي ؛ شَهادَتَ = بَليدانُ.
اِصطِلاحَ : مَنهَن لَهِي وَڃَڻُ = نِراس ٿِيَڻُ ؛ شَهادَتَ جو جامو پَهرَڻُ = شَهِيدُ ٿِيَڻُ، نالو ڳائِجَڻُ = ساراهَ ٿِيَڻُ.

## اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) سَنت ڪَنوَرَ جي راڳَ جو ماڻهُن تي ڪهڙو اثرُ پوَندو هو؟
٢) سَنت ڪَنوَرَ پَنهِنجي جهوليءَ ۾ پيَلَ پيَسَن جو ڇا ڪَندو هو؟ ۽ هُو پَنهِنجي گهرَ جي گذران لاءِ ڇا ڪَندو هو؟
٣) شاهوڪارَ سَنت ڪَنوَرَ اَڳيان ڇا ڇا آڻي رَکيو ۽ سَندَس ڪهڙي اِڇا هُئي؟
٤) سَنتَ ڪَنوَرَ سوَ رُپيَن جو ڇا ڪَيو؟
٥) سَنت ڪَنوَرَ ريشمي وَڳو ڪَنهِن کي ڏِنو ۽ ڇو؟
٦) نِراسُ شاهوڪارَ کي سَنت ڪَنوَرَ ڇا چيو؟
٧) سَنت ڪَنوَرَ کي نِرموهي ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي؟
٨) سَنت ڪَنوَرَ جو ديهانتُ ڪڏهِن ۽ ڪِٿي ٿيو؟
٩) سَنت ڪَنوَرَ کي ڪِهڙيءَ ڳالهِ اَمرَ بڻائي ڇڏيو آهي؟

سُوالُ ٢ سَنت ڪَنوَرَ بابَتِ صحيح ڄاڻ ڏِيو :

| الف | ب |
|---|---|
| ڄَنمَ جو آستانُ<br>ڄَنمَ جي تارِيخَ ۽ سالُ<br>ديهانتَ جو آستانُ<br>ديهانت جِي تارِيخَ ۽ سالُ | |

ڪي ٻُڏائِڻو پوندو آهي تہ هوُ ڪِٿي لِڪيا آهِن.

ڦِرُ ڦِرُ سَونلو تَمام مَزيدارُ رانِدِ آهي. هِڪَ کُليَلَ ميدانَ ۾ سَڀُ ٻارَ گولُ گهيرو ٺاهي وِهَندا. آڳَ ڏِيندَڙُ ٻارُ ڪَپِڙي جو سَونلو پاڻَ وَٽِ لِڪائي گهيري جي ٻاهِران گهُمَندو ۽ چَوندو، 'ڦِرُ ڦِرُ سَونلو.....' ٻيا سَڀُ ٻارَ چَوَندا، 'دَٻُلي ٺي چِٽِڪي.....' هوُ لِڪي لِڪي ڪَنهِن ٻارَ جي پُٺيان اُهو سَونلو رَکي ڇَڏِيندو. جي هُنَ ٻارَ کي اِنَ ڳالِهہ جي خَبَرَ پَئِجي ويئي تہ هوُ سَونلو کَڻِي آڳَ ڏِيندَڙُ ٻارَ جي پُٺيان ڊوڙَندو ۽ پُٺيءَ تي تيسِين ٺائِين سَونلو هَڻَندو رَهَندُسِ جيسِين هوُ گولُ ڦِري سَندَسِ خالِي ڪَيَلَ جاءِ تي نَہ ٿو اَچِي وِهي. ۽ جي آڳَ ڏِيندَڙَ ٻارَ جي گولُ ڦِري اَچَڻَ تائِين کيسِ اِنَ ڳالِهہ جي سُڌِ ڪانہ پيئِي تہ پوءِ هوُ اُهو سَونلو کَڻِي کيسِ هَڻِي ڊوڙائِيندو. ۽ پوءِ اُنهيءَ ٻارَ کي آڳَ ڏِيَڻِي پَوندِي.

ڪيتِريوُن ٻاراڻيوُن رانديوُن رُڳو ڇوڪِريوُن ڪَنديوُن آهِن تہ ڪي رانديوُن ڇوڪِرا.

ڇوڪِريُنِ جوُن مُکيہ رانديوُن آهِن: نوڙِيءَ رانِدِ، اِيسي ڏي موري ڏي، نِڪِرِيءَ رانِدِ ۽ گُڏي گُڏيءَ جي رانِدِ وَغيرہَ. نوڙِيءَ رانِدِ ۾ ٻہَ ڇوڪِريوُن نوڙِي پَڪِڙي ڦيرائِينديوُن ۽ هِڪَ اُنَ جي وِچَ ۾ تيسِين ٽِپا ڏِيندِي جيسِين تائِين هُنَ جو نوڙِيءَ سان ڇُهاءُ نَہ ٿو ٿِئي. ٻيوُن ڇوڪِريوُن اُهي ٽِپا ڳَڻِينديوُن. 'اِيسي ڏي موري ڏي' ۾ ٻہَ ڇوڪِريوُن ٻانهوُن ڊِگهيوُن ڪَري X جيئَن هِڪَ ٻِئي جا هَٿَ پَڪِڙي تيزِيءَ سان گولُ ڦِرنديوُن ۽ ڳائِينديوُن:

'اِيسي ڏي موري ڏي،
لالَ ڪَٽوري ڏي.'

ٻَئي تيسِين تائِين پيوُن ڦِرنديوُن ۽ ڳائِينديوُن جيسِين

يَڪِدَمِ ٻيون ڏفعو اُنَ کي ڏَڪَرَ سان پوري زورَ سان ڌَڪُ هَڻَندو جيئَن اِٽي جيتِرو پَري وَڃِي ڪِري، اوتِرو بَهتَرِ. اِنَ وَقتِ ٻِہ آڳَ ڏِيندَڙَ اِٽي جهَپَڻَ جي ڪوشِشَ ڪَندا. جي اِٽي جهَپِي وَرتائوُن تَہ هو آئوٽ ٿِيندو نَہ تَہ هوُ آڳَ وَٺَندو رَهَندو. جَنهِن هَندِ اِٽي ڪِري ٿِي اُتان ڳِدِ تائين ڏَڪَرَ سان ماپبو آهي؛ ٻَڪَتِ، لين، مُونِ، نارِ، آرِ، ويهي، يَڪِہُ..... دَر اَصَلِ اِهي دراوڙ ٻوليءَ جي اَنگَنِ هِڪَ، ٻہ، ٽي، چارِ وَغيرهَ جا لَفظَ آهِنِ.

چِڏي راندِ ٻِنِ ٻارَنِ جي مَزيدارُ راندِ آهي. اِها راندِ اَڪثرِ رَنگينَ ڪانچَ جي گوليُنِ سان کيڏِجي ٿِي. اِنَ لاءِ پَٽَ تي هِڪَ نَنڍِي گِدِ کوٽِبي آهي. طَئِہ ڪَيَلَ ٿوريءَ دوريءَ تي هِڪُ سِڌو لِيڪو پائِبو آهي؛ پوءِ اُنَ کان ميٽَرُ کَنُ پَري وَري ٻيو لِيڪو پائِبو آهي. هِڪُ رانديگَرُ گَڏُ ڪَيَلَ چِڏا هَٿَ ۾ جهلي پَرئين لِيڪي کان گِدِ ڏانهُن اُڇلائِيندو آهي. جَنهِن جو چِڏو گِدِ جي سَڀَ کان ويجهو ڪِريو سو پَهرِين وارو وَٺَندو آهي. وارو وَٺَندڙُ گِدِ ڏانهُن چِڏا اُڇلائي پُڇَندو آهي، ’ڪهِڙو چُليان؟‘ جي هُنَ ٻُڌايَلُ چِڏو چُليو تَہ سَڀُ چِڏا هُنَ جا، نَہ تَہ جيڪي چِڏا گِدِ ۾ پيا رُڳو اُنهَنِ تي ئي سَندَسِ حَقُ رَهَندو. جي وَري نِشانو غَلَطِ چِڏي کي وَڃِي لَڳو تَہ ڪيسِ ڏَنڊُ ڀَرِڻو پَوَندو.

چِڏي راندِ جو ٻيو ٻِہ قِسمُ آهي جَنهِن مُوجِبِ آڳَ وَٺَندَڙُ چِڏي کي آڱُرِي ۽ ڏَسِڻيءَ ۾ جهلي ٻَئي هَٿَ جي وچِينءَ سان پَنهِنجو نِشانو هَڻَندو آهي. جي ڪو ٻارُ پَنهِنجو چِڏو گِدِ ۾ پَهچائِڻَ ۾ ڪامياب ٿِيندو سو راندِ کَٽَندو.

وَنجهَوَلي ٻِنِ ڏاڍي مَزيدارُ راندِ آهي هِنَ راندِ ۾ ٻہ ٽوليُون هُونديُون آهِن. هَرَ ٽوليءَ ۾ اَٺَ رانديگَرَ هُوندا آهِنِ. راندِ لاءِ کُليَلَ مَيدانَ تي هِڪ جيتِري مُفاصِلي تي ڇِنَ سان

سُوالُ ٢ جاڳايَل رانديُنِ جي باري ۾ ٿوري ۾ لِکو :

اَکِبوُٽ، لِڪِچِپ، اِٽي ڏَڪرُ، وَنجَهوٽي.

سُوالُ ٣ توهان جي کيترَ جي ڪنهِن بہ هِڪ رانِدِ جو ٿوري ۾ بَيانُ ڪريو.

سُوالُ ٤ مِثالَنِ جي آڌارَ تي لَفظ جوڙيو :

مِثالُ : بَدَنَ - بَدِني

ذَهَنَ، دَماغُ، اِيمانُ، اَهنڪارُ، خاندانُ.

مِثالُ : صِحَتَ - صِحَتمَندُ

هُنَرُ، عَقلُ، اَحسانُ، غيرَتَ، فائِدو.

سُوالُ ٥ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : آڳَ ڏِيندَڙ بارُ ٻُڌائِيندو.

آڳَ ڏِيندَڙ بارَ کي ٻُڌائِڻو پَوندو.

١) تون سَيني کي مِنائِي ڪارائِيندين.
٢) توهين سَچُ ڳالهائِيندا.
٣) آسين پيَسا موڪلِينداسِين.
٤) هوءَ آفيسَ ۾ اِيندي.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَ کي اِنَ ڳالهِہ جي خَبَرَ پيئي.

هُنَ کي اِنَ ڳالهِہ جي خَبَرَ پَئِجي ويئِي.

١) هُو هِڪدَم ٻاهِرِ نِڪتي.
٢) پارٽيءَ ۾ سَڀُ وَقتَ تي پَهُتا.
٣) گهرَ ۾ ڇانهِہ خَتمُ ٿي.
٤) پوليس واري کي ڏِسي چورُ ڀڳو.
٥) سَڀُ ماستَرياڻِيوُن ڪُرسيُنِ تي وينيوُن.

سُوالُ ٧ مِثال مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : جي تَوهِين رانديُن جا مَيدان وڌائِيندا تَہ اِسپتالُن جو تعدادُ گهٽِجندو.

جي اِسپتالُن جو تَعداد گهٽائِڻو هُجي تہ رانديُن جا مَيدانَ وَڌايو.

١) جي تَوهِين مَحِنَت ڪندا تہ پاسِ ٿِيندا.
٢) جي تُون جَلدُ نِڪرَندين تہ شامَ جو گهر پَهُچَندين.
٣) جي تَوهِين ٻُولَن ۾ ويندا تہ قُدرَتي سُونهَن ڏِسَندا.
٤) جي تُون ٽِڪيٽ وَٺنديئَن تہ پِڪچر ڏِسنديئَن.

* * * * *

## ٥. جو کپڙ پيئي .....

جو ڪِيرُ پيئي سو وِيرُ ٿئي،
ڏَندَ زورُ وَٺَنِ، سُٺا سُھڻا لَڳَنِ.
اَکيُنِ جوتِ وَڌي، ڏاڍي سُونهن ٿئي،
وَٺي زورُ بَدَنُ، لِڱَ چُستُ ٿِيَنِ.
ڪِيرُ صَفا سُٺو، واهَ ڏاڍو مِٺو،
ٻارو اَچو پيئُون، ٻَري ڪِيرَ وَٺيُون.
سَڀُ زورُ وَٺُون، پي ڪيَرُ وَڌُونَ،
ڏي ڪِيرُ اَما، پي پَڙھَڻَ وَڃان.

چُونڊ نوان لَفظ :

جوتِ = روشِني، پَرڪاشُ ؛ سُونهَن = سُندَرتا ؛ لَڱ = سَريرَ جا عُضوا ؛ بَدَنُ = سَريرُ، تَنُ ؛ وَٽي = ڪٽوري.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ 'جو ڪِيرُ پيئي' بيَت جو سارُ پَنھنجَنِ لَفظَنِ ۾ لِکو.

سُوالُ ٢ ڏِنَلَ مِثالَ جي آڌارَ تي جُملا ڦيري لِکو.

مِثالُ : جو ڪِيرُ پيئي سو وِيرُ ٿئي.
جو ڪِيرُ پيئي ٿو سو وِيرُ ٿئي ٿو.

١) ڏَنَدَ سُھڻا لَڳَنِ.
٢) اَکيُنِ جي جوتِ وَڌي.
٣) سَڀُ زورُ وَٺُون.
٤) ڪِيرُ پي وَڌُون.
٥) ڪِيرُ پي پَڙھَڻَ وَڃان.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

# ٦. سنڌي لوڪ ناچ

لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ ناٽڪ، لوڪ ساز، لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ وغيره لوڪ ڪلا جو اهم حصو آهن. انهن ذريعي پنهنجي پنهنجي پنگتي سرشتي ۽ تهذيبي ورثي کي پختو ۽ آسودو بڻائي سگهجي ٿو.

لوڪ ناچ سنڌي جيون جو مکيه انگ آهن. انهن ۾ سادگيءَ سان گڏوگڏ انوکي جنبش، موج، مستي ۽ دلڪشي هوندي آهي.

سنڌين جا مکيه لوڪ ناچ آهن: ڇيڄ، ڌمال، ڇينگهو، جمالو، ٽپڙو ۽ جهمر وغيره.

ڇيڄ مردن جو خوشيءَ جو ناچ آهي. خاص ڪري ڇيلي چنڊ تي ٻ راتي اڳيان يا وري شاديءَ جي موقعي تي ججهه اڳيان مرد ڇيڄ هڻندا آهن. گجرات جي ڊانڊيا ناچ جيان هي پڻ ڏونڪلن جو لوڪ ناچ آهي. اٺ ڏهه يا اڃا ٻه وڏيڪ مرد هٿن ۾ ڏونڪلا ۽ ريشمي رومال جهلي گول گهيرو ٺاهيندا. وچ يا پاسي ۾ شرنائيءَ وارو ۽ ڍلاري بيهندا. سڀ ڇيڄاري هڪ ٻئي جي ڏونڪلي سان ڏونڪلو هڻندا ۽ نچندي گول گهمندا. جيئن سر تال جو جوش وڌندو ويندو تيئن ڇيڄارين جي ناچ جي رفتار پڻ ويندي وڌندي. پوري اتساهه ۽ تيزيءَ سان ڏونڪلي سان ڏونڪلو هڻندا رهندا ۽ نچندا رهندا. سندن چوطرف بيٺل ماڻهو ڇيڄ جي موج ماڻيندي جهومڻ لڳندا. ڇيڄ پوري ٽيڪ تي سيبيئي چوندا : 'آيو لعل، جهولي لعل.'

ڌمال جا انيڪ قسم آهن جن مان وڌيڪ مشهور آهي قلندري ڌمال. درگاهن ۾ نغاري جي ڌمال تي مالڪ جي رنگ ۾ رڱجي ماڻهو پنهنجي سڌ ٻڌ وساري ٽپ ڏيئي پوري جوش سان نچڻ ۽ جهومڻ لڳندا آهن. 'تون ئي تون'، 'الا

## آيياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) مُکيہُ سِنڌي لوڪ ناچَنِ جا نالا لِکو.

٢) ڇيڄَ ڪھڙَنِ مَوقعَنِ تي ڪَنئي ويندي آهي؟ ڇيڄَ جي باري ۾ ٿوري ۾ لِکو.

٣) جھُمرِ سُرَ، تالَ ۽ ناچَ جو اَنوکو ميلُ آهي. سَمُجھايو.

سُوالُ ٢ ٿوري ۾ لِکو : ڏمال، ٽِپڙو.

سُوالُ ٣ تَوهان جي کيترَ جي ڪَنهِن مُکيہُ لوڪ ناچَ جو ٿوري ۾ بَيانُ ڪَريو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لِکو : پُختو، اَڳيان، هارُ، خُوشي، سوڀ.

سُوالُ ٦ مِثال مُوجِبِ لَفظَ ڦيري لکو :

مِثالُ : سُندَرُ - سُندَرتا

کومَلُ، سيتَلُ، پوترُ، نِرمَلُ، ڪَلورُ.

سُوالُ ٦ مِثالُ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : پَنهِنجي تهذِيبي وَرثي کي آسُودو بَڻائِجي ٿو.
پَنهِنجي تَهذِيبي وَرثي کي آسُودو بَڻائي سَگهجي ٿو.

١) هَرَ خُوشيءَ جي مُوقعي تي نَچجي ٿو.

٢) غريبَنِ جي مَدَدَ ڪجي ٿي.

٣) سَڀني کي ڳوٺَنِ ۾ روزگارُ ڏجي ٿو.

٤) وَقتَ تي فارمَ ڀَرجَنِ ٿا.

٥) ڪُنَ حَدَ سوکڙيُون موڪِلجَنِ ٿيُون.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

جا ڪپڙا ڦاڙيندا آهن. گهوٽُ ڇڙندو ناهي اُٺلو کُوشِ تي کينِ ميوا مِٺايُون کارائيندو آهي. گهرَ ۾ جَسراج جي پوڄا ڪبي آهي. گهوٽ ماءُ جو رَئو ۽ گهوٽ پيءُ جي بوڇڻي ڳاڙهي يا گُلابي رَنگ ۾ رَڱيندا آهن ڇو جو ڳاڙهو رَنگُ وَنش جي وَڌڻ جي نِشاني آهي.

شاديءَ کان هِڪُ ڏينهُن اَڳُ گهوٽ ماءُ پَنهِنجي پاءُ سان رَچي دَرياهَ تان ڳاڙهي دِلي ڀَري اِيندي آهي. اُنَ بعدِ گهرَ ۾ ڏيوَ پُوڄيا ويندا آهِن ۽ ساتَ سُڳُنَ ڪيا ويندا آهِن. ڪُنوارِ جي گهرِ بہ ڏيوَ پُوڄيا ويندا آهِن ۽ ساتَ سُڳُنَ ڪيا ويندا آهِن.

گهرِ ۾ مَهراجَ کي گهُرائي سَڀَ کان پَهرِين اِشٽ ديوَ گَڻيشَ جي پُوڄا ڪرائِبي آهي جو سَڀُ ڪارجَ سِڌِ ڪندو آهي. اِنَ سان گڏوگڏ ٻيا سَڀُ ڏيوَ بہ پوڄِبا آهِن. بِراديءَ جي ڀاتيُن کي سَڳِڙو ٻَڌِبو آهي جَنهِن جي معنيٰ اِها هُوندي آهي تہ ڀاڻ ۾ ٻُوَرڻُ ايڪو آٿَنِ. گهوٽَ کي ڏيوَنِ اَڳيان وِهاري سَتَ سُهاڳڻيُون اُکريءَ ۾ مُهريءَ سان ساريُون ڪُٽيندِيُون آهِنِ ۽ جَندِ ۾ ٻُڪَ ڀَري ڪَڪَ وِجهي پيهَندِيُون آهِن. اِنَ کي ٻُڪي ڪولِبو آهي. اِنَ جي پُنيان اِها مُرادَ آهي تہ گهرَ ۾ اَنَ، ڌَنَ جي ڪمي ڪانہ رَهَندي ۽ هِنَ شُڀُ موَقعي تي سَييئي گَڏجي سيڌو پاڌو تيارُ ڪندا.

چاٽايلَ مَهوَرَتَ وَقتِ مَهراجُ اَچِي ڏِکَ جي رَسمَ پوري ڪندو آهي. سَتَ سُهاڳڻيُون گهوٽَ کي سَنانُ ڪَرائيندِيُون آهِنِ بعدِ گهوٽَ پيڻ گهوٽَ کي سَڳِڙي ٻَڌندي آهي جا پوءِ گهوٽَ جي سالي ڇوڙيندي آهي. گهوٽُ نَوان ڪپڙا پائي پَيَنچَنِ ۾ اَچِي مَهراجَ جي اڳيان وِهَندو آهي. مَهراجُ مَنترَ اُچاري کيسِ مُٽُڪُ پائيندو آهي. پوءِ سَڀُ هِڪ ٻئي کي واڌايُون ڏيندا آهِن.

پهرين سنڌ ۾ ڏيتي ليتيءَ جو ايترو رواج ڪونہ هو. هو پرهاڻيون ڏيندا هئا. هڪ پرهاڻيءَ جو مُلهہ هوندو هو پنجويهہ رُپيا. ڪي آڪهيون هڪ، ڪي ٻہ، ٽي، چار يا وڌ ۾ وڌ پنجن پرهاڻين واريون هونديون هيون. اڄڪلهہ تہ ڏيتي ليتيءَ جو رواج ڏاڍو وڌي ويو آهي. ڏيکاءَ ۽ فضول خرچي روڪڻ لاءِ ڏاڍو جاچين کي نہ ڏيکاري بند پيتيءَ ۾ ڏيڻ ۽ 'گڏيل شاديون' (سامُوهڪ وواهہ) ڪرائڻ تي زور ڏنو پيو وڃي.

شاديءَ ڪري گهوٽ ڪنوار گهر ايندا آهن تہ گهوٽ ماءُ آرتي ڪري سندن سواگت ڪندي آهي. گهر ۾ گهڙڻ وقت ڪنوار جي مٿي تي ڏيئو رکندا آهن جئن هوءَ ڪل لڇمي ٿي گهر کي روشن ۽ خوشحال بڻائي. گهوٽ وڏن کي پيري پئي آسيس وٺندو آهي. گهر جا سڀ ڀاتي ڪنوار سان ڏتر مٿيندا آهن. سڀ کان پهرين گهوٽ ٿالهہ مان لوڻ جو ٻڪ ڀري ڪنوار جي ٻڪ ۾ وجهندو آهي. ساڳيو لوڻ موٽائي هوءَ گهوٽ جي ٻڪ ۾ وجهندي آهي. ائين هو ٽي ڀيرا ڪندا آهن. اُن بعد سس، سهُرو، ڏير، ڏيراڻيون ۽ ننڻانون وغيرهہ گهر جا ڀاتي ڪنوار سان ڏتر مٽيندا آهن. ٻڪ ۾ لوڻ ڏيڻ وٺڻ وقت ڪنوار کي ائين بہ چئبو آهي، 'هيءُ سهرو اٿيئي، هيءَ سسُ اٿيئي.....' اِن ريت گهر جي ڀاتين سان سندس واقفيت پڻ ڪرائبي آهي. هوءَ سڀني سان سڪ پريم سان رلي ملي رهي اِن مُراد سان ئي ڏتر مٽبا آهن.

شاديءَ جي ٻئي ڏينهن ڪنواريتا گهوٽ ڪنوار، سندن مٽن مائٽن کي خوب طعام ڪرائيندا آهن. اِن کي ستاوڙو چئبو آهي.

اِهي آهن سنڌين جي شاديءَ جون ڪي مُکيہ ريتيون رسمون.

هوُ ڪينِ مِصري ڏِيندا آهِنِ جا چوڪري وارا پَنهِنجي مِٽَنِ مائِٽَنِ ۾ وِرهائِيندا آهِنِ. موٽَ ۾ هوُ ڪينِ واڌايوُن ڏِيندا آهِنِ.

## اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) هِندو سِنڌيُنِ جي پَنگَتي سَنسڪارَنِ جو مُکيہ آڌارُ ڪھڙو آهي ؟

٢) سِنڌيُنِ ۾ شاديءَ جوُن تياريون ڪھڙيءَ ريتِ ڪيو ن ويندِيوُن آهِنِ ؟

٣) 'ڏِکَ' جي معنيٰ چا آهي ؟ اِنَ رَسَمَ جو تَفصيلِ ۾ بَيانُ ڪَريو.

٤) شاديءَ وَقتِ ڪُنوارِ جو نالو ڇو مَٽائِبو آهي ؟

٥) ڀَڃرئِين ۽ اَجوڪي زَماني ۾ ڏيتي ليتيءَ بابَتِ ڪھڙو فيرو آيو آهي ؟ وَڌَندڙَ ڏيتي ليتي ۽ فِضوُل خَرچي گَھٽائِڻَ لاءِ ڪھڙا قَدَمَ کَنيا پيا وَڃَنِ ؟

سُوالُ ٢ تَوري ۾ لِکو :

وَنواهُ، اَهِنرُ، ٻِڪي، سَتاوڙو، دَريءَ کان گھوٽُ ڏِيکارَڻُ، ڏَترَ مَٽِڻُ.

سُوالُ ٣ توهان ۾ شاديءَ جوُن مُکيہُ ريتيوُن رَسمُون ڪھڙيوُن آهِن ؟ اُنهِنِ جو تَوري ۾ سِلسِليوار بَيان ڪَريو.

سُوالُ ٤ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪَريو :

وَڏَڻُ، ويڄهڻُ، ڏِکڃڻُ، ڇِلڃڻُ.

سُوالُ ٥ ضميري پَڇاڙيوُن هَٽائي ضميري لَفظ اِستعمالُ ڪَري جُملا وَري لِکو :

١) کيسِ اُبتَنُ لڳائي سُندَرُ بڻائبو آهي.
٢) سَندس ٻچيءَ ۾ ڏُبرا وِجهندا آهن.
٣) هوءَ سَندَن واتُ مِنو ڪندي آهي.
٤) سائِسُ آيَلن کي مِنايوُن ڪارائِيندا آهن.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِبُ جُملا ڦيري لِکو :

مثالُ : هوُ ڏَرمشالا ۾ لَهَندا آهن.
هُنَن کي ڏَرمشالا ۾ لاهِبو آهي.

١) هو سَنانُ ڪَندو آهي.
٢) هوُ مِنايوُن ڪائِيندِيوُن آهن.
٣) گهوٽُ گُلَن ۽ نوٽَن جا هارَ پائِيندو آهي.
٤) گهوٽُ گهوڙيءَ تي چڙهَندو آهي.
٥) ڪُنوار دريءَ کان گهوٽُ ڏِسندي آهي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

# ٨. تهذيبي ورثي جي انوٺ ڪڙي-موئن جو دڙو

’موئن جو دڙو‘ جي ڪوناٺيءَ اِنساني سڀيتا جي اِتهاس ۾ هڪُ سونهري ورقُ جوڙي ڇڏيو آهي. هتان جي ڪوناٺيءَ مان جنهن سڀيتا جي ڄاڻَ ملي آهي تنهن کي سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا ڪوٺيو وڃي ٿو. ست اٺ هزار سالَ پُراڻي اِها سڀيتا دنيا جي اَوائلي ۽ اُسريلَ سڀيتا ليکي وڃي ٿي.

’موئن جو دڙو‘ جي لفظي معنيٰ آهي، اُهو دڙو يا مِلي‌ءَ جو ٿُلهُ جنهن ۾ ماڻهو مري زمينڊوزُ ٿي ويا هُجن. اِهو اندازو ٿو لڳايو وڃي ته قديمُ زماني ۾ سنڌو ندي اِنَ دڙي وٽان وهندي هُئي. دراصل شروع ۾ اُتي ٢٥٠ ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ ننڍا وڏا پنج ڇهه بيٺ هُئا. نديءَ جي رُخَ مٽائڻ، جبلن تان هيٺ وهندڙ پاڻيءَ جي تيزُ وهڪري ۽ مٽان واري وهي اچڻ سبب اهي گڏجي هڪُ ٿي ويا. اِتي ڪو شهرَ هوندو جو سيلابَ جهڙي قدرتي قهرَ جو شڪارُ ٿي زمينڊوزُ ٿي ويو هوندو. اِهو حادثو رُڳو هڪُ ڀيرو نه پر ڪهڙ ۾ ڪهڙ چار ڀيرا ٿيو هوندو ڇو جو ڪوناٺيءَ ۾ مليلَ شين ۽ اُهڃاڻن مان خبرَ پوي ٿي ته اُتي ڇئن جدا جدا زمانن جون عمارتون زمينڊوزُ ٿيلَ آهن. لڳي ٿو ته اِهو آستانُ واپارَ جو مُکيهُ مرڪزُ هوندو اِنَ ڪري ٿي ته وري وري وسايو ويو.

موئن جو دڙو سنڌُ جي لاڙڪاڻي شهرَ کان اٽڪلَ پنجويهن ميلن ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان سادن ستن ميلن جي مُفاصلي تي آهي.

اِنَ دڙي جي کوٽنا جو جَسُ آرڪيالاجيءَ جي عالمَ شري راکلداس بينرجيءَ لهڻو. پوءِ آرڪيالاجيءَ جي ڊائريڪٽرَ سَرَ جانَ سنه ١٩٢٣ع کان ١٩٢٧ع تائين اِنَ دڙي جي اٽڪلَ ١٣ ايڪڙَ

ايراضيءَ جي کوٽائي ڪرائي. اِتان اَنيڪ شيون ۽ اُهڃاڻ مِليا جن دُنيا کي عجب ۾ وِجهي ڇڏيو. سَرَ جانَ مارشلَ، شري بيَنرجي ۽ ٻين عالمن اُن وقت جي لوڪن جي پنگتي، تجارتي ۽ تهذيبي حالتن جو بيانُ ڪندي ٻڌايو تہ سِنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا هِڪ اُسريلُ اعليٰ ۽ شهري سڀيتا هُئي. عمارتن ۽ سَڙڪن جي اَڏاوت تمامُ رٿائتي نموني هُئي. ماڻهو گڏجي مُهلن ۽ پاڙن ۾ رَهندا هُئا. سندن جايون ڪُشاديون، هوادارُ، پڪسريون ۽ پلسترُ ڪيلَ هُيون. جاين جي پَٽَ تي پڻ سِرُن جا فرشَ ٺهيلَ هُئا. هَرَ مَڪانَ ۾ سنان جاءِ هُئي. جاين مان پاڻيءَ جي نيڪالَ جو پڻ پورو بندوبستُ هو. پاڻي گهرَ جي مورين مان وَهي وڃي گهٽين جي ڪسين ۾ پوندو هو. گهٽين جون ڪسيون مٿان ڍَڪيلَ هونديون هُيون. پاڻيءَ جي نيڪالَ جي اهڙي بهترينُ ١٩ صديءَ تائين يورپ ۾ بہ ڪانہ هُئي. ڪيترِيون جايون بہ ماڙ ٽِماڙ بہ مِلن ٿيون جِن ۾ پڪيون ڏاڪڻون ٺهيلَ آهِن. گهرن وٽ کوهَ پڻ مِلن ٿا. عامُ خلقَ لاءِ کوهَ، تلاءَ ۽ پيَنچائتي هالَ جهڙيون سهوليتون پڻ هُيون. شهرُ تمامُ رٿائتي نموني اَڏيلَ هو. شهرَ جي حفاظت لاءِ چوڌاري وَڏيون ڀتيون ٺهيلَ هيون ۽ پاسي کان کاهيون کوٽيلَ هيون.

ماڻهن جو مُکيہ ڌنڌو کيتي هو. هو گهوڙا، ڳانيون، رِڍون ۽ ٻڪريون بہ پاليندا هُئا. هو قابلُ ڪاريگر ۽ ڪامِيابُ واپاري پڻ هُئا. هو ڪڻڪ، جَوَ ۽ ڪپھ پوکيندا هُئا. هو کاڌي ۾ ڪڻڪ، جَوَ، سايون ڀاڄيون، ميوا ۽ کيرُ اِستعمالُ ڪندا هُئا. هو ماسُ مڇي بہ کائيندا هُئا. هو ڪتڻ ۽ اُڻڻ ۾ پڙ هُئا. هو سوٽي ۽ اوني ڪپڙا پائيندا هُئا. سندن مُکيہ پوشاڪ هُئي ڌوتي ۽ چادرَ. زالون توڙي مَرد هيرن، جَواهرن ۽ سونَ ڳهن جا شوقينُ هُئا. کوٽائيءَ ۾ هارَ، مُنڊيون، ڪنگڻ وغيره ڪيترن

٥) سِندُو ماءِٽريءَ جي اعليٰ سڀيتا جو سِلسِلو ڪٿو ٿي ڪِينجي؟ ٿوري ۾ سمجهايو.

سُوالُ ٢ ٿوري ۾ لکو :

١) سِندُو ماءِٽريءَ جي لوڪن جو ڌنڌو.
٢) سِندُو ماءِٽريءَ جي لِپي.
٣) سِندُو ماءِٽريءَ جي لوڪن جو پهراءُ ۽ ڳهه.
٤) سِندُو ماءِٽريءَ جي لوڪن جُون ڌرمي مَڃتائُون.

سُوالُ ٣ مِثالَ موجِب لفظ ڦيري لِکو :

مِثالُ : ڪوڙُ - ڪوڙائي
ڪمائُ، لڙُ، چڙهڻُ، لِکُ، پڙهڻُ.

مِثالَ : هوا - هوادارُ
خوشبوءِ، وزنُ، ايمانُ، عِزتَ، مالُ.

مثال : رتُ - رتائِتو
مندَ، اثرُ، وقتُ، مِلهَ، خوفُ.

سُوالُ ٤ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اُڪيرَڙُ جو ڪمُ واهَ جو آهِي!
اُڪيرَڙَ جو ڪمُ تمامُ سُٺو آهِي.

١) وَاهَ جي ٻالهه ڪئي اٿيئي!
٢) واهَ جو مَڪانُ ٺهرايو اٿس!
٣) واهَ جو مِثالُ ڏنو اٿوَ!
٤) واهَ جُون سُوکڙيُون موڪليُون اٿِن!

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اِها سڀيتا دُنيا جي اُسِريَلَ سڀيتا ليکي وَڃي ٿي.

اِها سَڀيتا دُنيا جي اُسرِيل سڀيتا ليکجي ٿِي.

١) اِنَ سَڀيتا کي سِنڌوُ ماٿري‌ءَ جي سڀيتا ڪوٺيو وَڃي ٿو.
٢) سَهڻي کي سُهڻيوُن سُوکڙيوُن ڏِنيوُن وَڃِن ٿيوُن.
٢) سِنڌي فِلمَ ڏيکاري وَڃي ٿِي.
٣) هُنَنِ سَهڻي کان فارمَ ڀرايا وَڃن ٿا.

سُوالُ ٦ مِثالُ موُجب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : مالهوُ مَرِي زمِين دوزَ ٿِي ويا هُئا.
مالهو مَرِي زمين دوزُ ٿِي وِيا هُجَنِ.

١) سِنڌوُ نَدِي اِنَ دڙي وٽان وَهندي هُئي.
٢) مالهوُ تمامُ خوُشحالُ هُئا.
٣) زالوُن پڙهنديوُن لِکنديوُن هُيوُن.
٤) اُنَ زَماني ۾ دُنيا جي ڪَنهِن بہ حِصي ۾ ايتري تَرقي ڪانہ ٿِي هُئي.

* * * * *

# ۹. سِنڌيَتَ ڏِينهَن - چيٽي چَنڊُ

بِسنڌوُ : گوداوري، سُڀاڻي اَسان کي موڪلَ آهي.

گوداوري : هائو، اَسان کي بہ ڪلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ سُڀاڻي موڪلَ آهي.

سِنڌوُ : اَسان مَرهٽَنِ جو سُڀاڻي وڏو ڏڻُ 'گُڙي پاڙوا' آهي. ڇا توهان سِنڌِي بہ اِهو ڏڻُ ملهائيندا آهيو؟

گوداوري : اِن ڏينهَن هِندُن جي نئين سالَ جي شروُعاتِ ٿِئي ٿي اِنَ ڪري ڪنهن نہ ڪنهن رُوپَ ۾ اِهو ڏڻُ هو ملهائين ٿا. اِهو ڏِڻُ اَسِين 'چيٽي چَنڊَ' نالي سان مَلهائيندا آهيوُن.

سِنڌوُ : گوداوَري، توکي خَبَرَ آهي تہ اَسين گُڙي پَڙوا ڇو ۽ ڪيئَن مَلهائيندا آهيوُن. پَرَ مُونکي خَبَرَ ناهي تہ توهين چيٽي چَنڊُ ڪيئَن مَلهائيندا آهيو؟ ٻُڌاءُ نہ!

گوداوَري : چيٽي چَنڊُ اَسان سِنڌيُنِ جو وَڏو ڏِڻُ آهي. هِنَ ڏينهَن هَرَ هَنڌِ اُڏيرلالَ جي پُوڄا ڪندا آهِنِ.

سِنڌوُ : اُڏيرولالُ ڪيرُ هو؟

گوداوَري : اُڏيرولالُ اَسان سِنڌيُنِ جو اَوتارُ پُرشُ هو. دَراَصَلِ ڏَهين صَديءَ ۾ سِنڌُ جي قَديمي تواريخي شَهَرَ ٺَٽي ۾ مِرَکشاهَ جي حُڪومَتَ هُئي. سَندَسِ ظُلمَنِ کان پَريشانَ ٿي ماڻهن سِنڌُوءَ جي ڪِناري وَڃي وَرُڻُ ديوتا جي اُستتي ڪئي. سَندَنِ عَرضُ اَگهاڻو. سَندَنِ ڏُکَ دوُرِ ڪَرڻَ لاءِ چيٽي چَنڊَ ڏِينهَن نَصرپوُرَ ۾ رَتَن راءِ جي پَتنيءَ ديوڪيءَ کي هِڪُ سُندَرُ ٻالَڪُ ڄائو، جَنهن جو نالو رَکيائوُن 'اُڏيرو لعلُ'. بعد کيسِ جهولي لعلُ، اَمَر لعلُ، لعلُ سائين، دَرياه شاهُ ۽ زِندَهَ پيرُ وَغيرَهَ

نالَنِ سان پُڪاريو وِيو. پَنهِنجي شَڪتيءَ ۽ ڪرامَتُنِ سان مِرکشاهَ کي هارائي کيسِ سَندَسِ غلطيءَ جو اَحساسُ ڪَرايو. سِنڌواسيُنِ کي ڏرمي ڪٽرپڻي کان آجو ڪرائي پَريمَ ۽ شانتيءَ جو سَنديشُ ڏيئي اُڏيرو لعلُ سِنڌوءَ ۾ سَمائجي ويو. سَندَسِ يادِ ۾ هَر هَنڌِ جهُولي لعل مَندَرَ جوڙيا ويا. هَر سالِ سَندَسِ جَنَم ڏِينهُن 'چيٽي چَنڊُ' ڌام ڌُومَ سان مَلهايو ويندو آهي.

سِنڌوُ : توهان اِهو ڏِينهُن ڪَهِڙيءَ ريتِ مَلهائيندا آهيو؟

گوداوري : هِنَ ڏِينهُن اَسين جهُولي لعلَ جي پوڄا ڪندا آهيوُن. ڪيترا پَنهِنجي ٻارَنِ جي جهَنڊِ لَهَرائيندا آهِنِ. ڪي وَري ٻارَنِ کي جَڻيا پائيندا آهِنِ. هَرَ هَنڌِ شُکو سيسا وِرهائيندا آهِنِ ۽ ٻَهِراڻو ڪَڍَندا آهِنِ.

سِنڌوُ : ٻهراڻو ڇا کي چوندا آهن؟

گوداوري : ٻَهِراڻو جهُولي لعلَ جي مَندَرَ جو پَرتيڪُ آهي. چيٽي چَنڊَ ڏِينهُن يا وَري مَنوڪامِنا پُوري ٿِيَڻَ تي ٻَهِراڻو ڪَڍِبو آهي. هِڪَ ڏوليءَ ۾ جهُولي لعلَ جي مُورتي رَکي اُنَ اَڳِيان اَکَنڊُ جوتِ جَلائي سَمُوري پُوڄا سامَگري رَکندا آهِنِ. اِهو ٻَهِراڻو گِهٽيءَ گِهٽيءَ ۾ گهُمائيندا آهِنِ. ٻَهِراڻي اَڳِيان ڍُهلَ ۽ شَرنايُون وَڄائيندا آهِنِ. خُوشيءَ وچان چيڄاري چيڄَ هَڻَندا آهِن. 'آيو لعلُ، جهُولي لعلُ' 'جهُولي لعلُ بيڙا پارِ' ۽ 'لعَلَ جا جانِي ڇڻو جهولي لعلُ'. جَهِڙا نمرا مُردَنِ ۾ ٻـ جانِ ڦُوڪي ڇڏِيندا آهِنِ. سَڄو ماحولُ اُتساهَ ۽ خُوشيءَ سان ڀَرجي ويندو آهي. ننڍا وَڏا، زالوُن مَرد ٻَهِراڻي اَڳِيان مَٿو ٽيکي پَرسادُ وَٺندا آهِنِ. شَهَرَ جي پَريڪرَما پُوري

اِصطِلاحَ : عَرضُ آگهامَڻُ = وينتي قَبوُلُ ٿيَڻُ؛ مُردَنِ ۾ جانِ ڦوُڪَڻُ = ڏاڍو اُتساهُ پيَرَڻُ.
سُکو سيسا = ٻَڇراٽي آڳيان پَرسادَ جي روُپَ ۾ شَربَتُ يا ڏاڏِل ۽ تانِهري (مٺا چانوَرَ) يا اُٻارِيَلَ چڻا وَرهائِبا آهِنِ، اُنَ کي 'سُکو سيسا' چئِبو آهي.

## اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) هِندو نئَين سالَ جي شروعاتِ ڪَڏهِن ٿئي ٿي؟ سِنڌي اِهو ڏڻُ ڪَهِڙي نالي سان مَلهائِين ٿا؟
٢) اُڏيري لعلَ جو جَنمُ ڪَڏهِن ۽ ڪِٿي ٿيو؟ سَندَس ماتا پِتا جا نالا لِکو.
٣) مِرکشاهَ جي حڪوُمَتَ ۾ پَرجا ڏُکي ڇو هُئي؟ اُڏيري لعلَ کيس ڪَهِڙي نَموني سَبقَ سيکاريو؟
٤) جهولي لعلَ کي ٻين ڪَهِڙَن نالَن سان پُڪاريو ويندو آهي؟
٥) جهولي لعلَ جو جَنم ڏينهُن ڪَڏهِن ۽ ڪَهِڙيءَ ريتِ مَلهايو ويندو آهي؟
٦) چيٽي چَنڊَ کي 'سِنڌيَتَ ڏينهُن' ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي؟

سُوالُ ٢ ڦوري ۾ لِکو :

ٻَڇراٽو، سُکو سيسا، پَنجِڙا.

سُوالُ ٣ توهان جو نئَون سالُ ڪَڏهِن کان شُروُع ٿيندو آهي؟ توهان اُهو ڏينهُن ڪِيئَن مَلهائِيندا آهيو؟ ڦوري ۾ لِکو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لِکو :

شروُعاتِ، قَديمي.

سُوالُ ۵ جُملنِ ۾ اِستعمالُ ڪَريو :
عَرضُ اَگهامَڻُ، مُرڏنِ ۾ جانِ ڦوڪَڻُ، چيهَ ڪَڍَڻُ.

سُوالُ ۷ مِثالَ مُوجِب لَفظ جوڙيو :
مِثالُ : سُڄاڻَڻُ - سُڄاڻَپ
ڳَڻَڻُ، سُونگهَڻُ.

سُوالُ ۸ مِثالَ موجب جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : هُنَنِ اسان کي ٻُڌايو.
اَسان کي ٻُڌايو ويو.
۱) هُنَ سِپني کي مِٺائي کارائي.
۲) هُنَنِ اَسان کي ٻَجهراٽو ڏيکاريو.
۳) هُنَنِ پَنجڙا ڳاتا.
۴) هُنَ اَسان کي اَنيڪ لوڪ ڪهاڻيُون ٻُڌايوُن.
۵) هُنَنِ چيٽيِ چَنڊَ جو ڏڻُ مَلهايو.

سُوالُ ۹ مثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :
مثالُ : پِڪِنِڪ جو پروگرامُ ڪِٿي آهي ؟
پِڪِنِڪ جو پروگرام ڪِٿي ضرُورُ هُوندو.
۱) راندِ ۾ پهريُون اِنعامُ ڪَنهن کي مِليو ؟
۲) هوُ ڪلاسَ ۾ ڪڏهن ايندو ؟
۳) هُنَ وَٽِ ايترا پيَسا ڪِٿان آيا ؟
۴) هُن شاديءَ ۾ گهڻو خَرچُ ڪَيو ؟

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

## ١٠. واهَ ڙي تارا

واهَ ڙي تارا، گولُ تارا
روشَنُ تارا، چمڪي وارا.
سانجهيءَ ٽاڻي نڪرو ٿا،
اُڀَ سڄي ۾ پکڙو ٿا.
چلڪو چمڪو ساري راتِ
ڪجي اَوهان جي ڪهڙي باتِ!
جوتِ اَوهان جي جي نہ هُجي،
واٽهڙوُ ڪرَ، واٽَ مُنجهي.

چُونڊ نَوان لَفظ :
سانجهي = سَنجها، ٽاڻو = وَقتُ، اُڀُ = آڪاسُ، باتِ = ڳالهہ،
واٽهڙوُ = راهَگيِر، واٽ = راهَ، رَستو.

### آڀياسُ

سُوالُ : 'واهَ ڙي تارا' بيَتَ جو سارُ پَنهِنجي لفظَنِ ۾ لکو.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

عَطرُ قُليلُ، بَخمَلَ بافتا ۽ شاهي طعامَ سَڀُ تو لاءِ حاضرُ آهِن، رُڳو تون حُڪم ڪَر.‘

مارُئي چوَندي ھُئَس، ’مُنهنجو مَگٹو ڪيتَسين سان ٿيلُ آهي. هاڻي مان بَئي ڪَنهن سان شادي مُورُ نَہ ڪَندَس، سون تي سيخَ مَنائِڻُ جي ڪُريتِ اَسان ۾ ناهي. مُون لاءِ پنهنجي وَطَنَ جا گُلَ ڦُلَ ھَتان جي هِيرَنِ موتيُن کان بَهتَر آهِن؛ پَنهنجِي اَباڻي لوئِي تُنهنجي بَخمَلَ کان وَڌيڪَ پياري اَٿَمِ؛ پَنهنجي ڳوٺَ جي ڏُڌَ ۽ ڏونرَنِ اَڳيان تنهنجا هي طعامَ تُچھُ تا لڳنمِ.‘

عمَرَ ڪاوڙجي مارئيءَ کي ڪوٽَ ۾ قَيدِ ڪري ڇڏيو. قَيدخاني ۾ هوءَ هَرَ نَموني کيسِ تنگِ ڪرَڻَ لڳو جيئَن هوءَ پَريشانَ ٿي شاديءَ لاءِ ها ڪري وِجهي. مارئي اُجھُون ٻُکُون ڪَڍي ڪَمزور ٿي ويئي. سَندَسِ لَٽا ليڙُون ليڙُون ٿي ويا پَرِ هوءَ پَنهنجي سَتَ تي قائمُ رهي. سَدائين اَباڻَن کي يادِ ڪندي رَهي. هُن عُمَرَ کي عَرضُ ڪَيو، ’هي عُمَرَ، جي مان پَنهنجي وَطَنَ کي يادِ ڪَندي ڪَندي مَري وَڃان تہ مُنهنجو مُڙهُ مليرَ ڏانهُن نِڃجانءِ ۽ مَٽانئِس ٿَرَ جي ٿَڌي مِٽِي وَسائجانءِ.‘

آخِرِ عُمَرَ سَندَسِ سَتَ اَڳيان سِرُ نِوايو ۽ مارُنِ ڏانهُن نياپو موڪِليائين تہ اَچي پَنهنجي اَمانَتَ وَٺي وَڃو. نياپو مِلَندي ئي هوُ اَچي عُمَرڪوٽِ پُهتا. عُمَرَ اَنيڪَ سَوغاتُون ڏيئي مارئيءَ کي مَليرَ ڏانهُن رَوانو ڪَيو.

مارُئي مارُنِ سان تہ مِلي پَرَ ڪيتسينَ جي دِلِ ۾ گُمانُ رَهجي ويو تہ مارُئي پَنهنجي سَتَ تي قائم هُئي يا نہ! مَليرَ ۾ سَندَسِ بَدنامي ٿِيَڻَ لڳي. جَڏهِن اِنَ ڳالِهہ جي سُڌِ عُمَرَ کي پيئي تہ هُنَ ڪاوڙجي اَچي مَليرَ تي ڪاهَ ڪَئي. ويچارا مارُوئَڙا تہ جهڳا جهُوپڙيُون ڇڏي وٺي ڀڳا. پَرَ مارُئيءَ

عُمر اَڳيان اَچي چيو، ’جي مارُن مُنهنجي گِلا ڪئي تہ اِهو سَندن حق هو. توکي ڪهڙو حق آهي ماروئڙن تي ڪاهہ ڪرڻ جو؟‘

عُمرُ پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمانُ ٿيو ۽ ڪا بہ پريکيا ڏيڻ لاءِ تيارُ ٿيو. مارئيءَ چيو، ’ٽڪو مون تي لڳو آهي. اِن ڪري پريکيا مان ڏينديس.‘

نيٺ فيصلي مُوجب باهہ جي مچ ۾ هڪ شيخ تپائي لالُ ڪيائون. مارئيءَ اُها تپيل شيخ پنهنجي هٿن ۾ جهلي پَرَ کيس ڪا بہ لهس نہ آئي. عمر پڻ اُها شيخ هٿ ۾ پڪڙي پَرَ اُن کي تِرَ برابر بہ تتُ نہ آيو.

مارُن مارئيءَ جي سَت اَڳيان سِرُ نوايو. مارئيءَ ساري حياتي کيتسين سان سک سان گذاري.

چونڊ نوان لفظ ۽ اِصطلاح :

پنوهارُ = ڏنارُ، رِڍون ٻڪريون چارِيندڙ ؛ ڦرُ = ٻچو ؛
شاهالو = شاهي، راجائي ؛ پسڻ = ڏِسڻ ؛ اُڃايل = پياسو ؛
واڳ = لغامُ ؛ بافتو = اُڇو ڪپڙو ؛
مور نہ = هرگز نہ، بلڪل نہ ؛ لوئي = سنهو ڪنبلُ ؛ ڏونرو = هڪ قسمَ جو جهنگلي ميوو ؛ مارو = مليرَ ڳوٺ جا واسي ؛ ڪاوڙجڻ = غصو اچڻ ؛ ڪوٽ = قِلعو، ڳڙهہ ؛ لٽو = ڪپڙو ؛ مَڙهہ = لاشُ ؛
نياپو = سنديشُ، پيغامُ ؛ سوغات = سُوکڙي ؛ گمانُ = شڪُ ؛
سُڌِ = خبرَ، ڄاڻ ؛ ڪاهہ = حملو ؛ گلا = نندا ؛ نيٺ = آخر ؛
مچُ = تيزُ باهہ، جوالا ؛ لهسَ = باهہ جو تتُ، آنچ.
اِصطلاح : دِل هارڻ = موهت ٿيڻ ؛ نابيري وارڻ = بلڪل اِنڪارُ ڪرڻ ؛ ويرُ وٺڻ = بدلو وٺڻ ؛ ساراهہ جون سُرڪيون
پرڻ = خوبُ ساراهہ ڪرڻ ؛ کنيي ڪڍڻ = چيلهہ ۾ هٿُ

وِجهي زوريءَ ڪَڍَڻُ.

## آڀياسُ

**سُوالُ ١** سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) مارئي ڪيرَ هُئي؟ سَندَسِ ماءُ پيءُ هُنَ جي شادي قوگسينَ سان ڇو نہ ڪرائي؟
٢) قوگسين عُمرَ وَٽِ ڇو ويو ۽ اُتي وَڃي هُنَ ڇا ڪيو؟
٣) عَمرَ مارُئيءَ کي پَنهنجي مَحل ۾ ڪيئَن کَڻي آيو؟
٤) عُمرَ مارُئيءَ کي ڪهڙي لالچ ڏني؟
٥) مارُئيءَ عُمرَ جي ڳالهہ ڇو نہ مڃي؟
٦) عُمرَ مارُئيءَ کي ڪهڙيءَ ريتِ سِتائَڻُ لڳو؟ ڇا هُو پنهنجي مَقصَدَ ۾ ڪامياب ٿيو؟
٧) عُمرَ مَليرَ تي حَملو ڇو ڪيو؟
٨) عُمرَ ۽ مارُئيءَ پَنهنجي سَت جو اِمتِحانُ ڪيئَن ڏنو؟

**سُوالُ ٢** حوالا ڏيئي سَمُجھايو :

١) اُجايَلَ کي پاڻيءَ ڇُڪو پيئار.
٢) مُنهنجو مڙڻُ مَليرَ ڏانهُن نِجانہ.
٣) نِڪو مُون تي لَڳو آهي اِنَ ڪري پَريکيا مان ڏِينديس.

**سُوالُ ٣** ٿوري ۾ لِکو :

قوگسينُ، ڪيتسينُ، مارئيءَ جي وَطَن پَرستي.

**سُوالُ ٤** ڏِنَلَ اِشارَنِ جي آڌارَ تي آکاڻي لِکو :

### سسئي پُنهون

نائُوٽِءَ نالي ٻانهڻَ جي گهرِ سُندرُ ڪَنيا جو جَنمُ - ڪَنيا جي ڀاڳ ۾ ڪَنڌَنِ اَجنبيءَ سان اَنگ لِکيلُ - ڪَنيا کي صَندُوقَ

# ١٢. آسان جا ڏڻ وارَ

سِنڌُو : گوداوَري، مُونکي- چيٽي چَنڊَ جي ميلي ۾ ڏاڍو مَزو آيو. تَوهان جي ٻيَنِ ڏڻَنِ جي باري ۾ ڪُجهه ٻُڌاء نـہ.

گوداوَري : توکي خَبَرَ ئي آهي تہ سِنڌي وَرُوڻُ ديوتا کي ڏاڍو مَڃيندا آهِنِ. سَندَسِ اُستُتيءَ ۾ آکاڙَ جي ويهين تاريخَ کان چاليهو مَلهايو ويندو آهي. روزُ درياهَ جي ڪَپَ تي وَڃي تارُنِ جي تالَ تي پَنجڙا ڳائِبا آهِنِ ۽ اَکو پائِبو آهي. چاليهي جي سَماپتيءَ تي هِڪَ دِلي تي سِنڌُرُ سان گَنِيشُ ڪَڍي دِلي مَٿان ناريلُ رَکي ڳاڙهي ڪپڙي سان ڍَڪي اَنبَنِ جا پَنَ ٻڌبا آهِنِ ۽ اَنِي جو ڏيئو ٻاربو آهي. دَرياهَ تي وَڃي وِڌيءَ مُوجبِ پُوڄا پاٺُ ڪَري پَنجڙا ڳائي پَلَئُہ پائي اُهو دِلو ۽ ڏيئو دَرياهَ ۾ پَرواهُ ڪبا آهِنِ.

سِنڌُو : تَوهان جا ٻيا ڪهڙا ڏڻ آهِنِ ؟

گوداوَري : گوگڙو، ٽيجڙي .....

سِنڌُو : گوگڙو ڪيئَن مَلهائيندا آهيو ؟

گوداوَري : جهڙي نَموني تَوهين 'ناگَپنچمي' مَلهائيندا آهيو. اَسِين گوگڙو مَلهائيندا آهيون. اُنَ ڏينهَن زالوُن سَنان پاڻي ڪَري ڪنهِن وَڏي وَڻَ هيٺان يا دَرياهَ جي ڪپَ تي وَڃي ناگَ ديوتا جي پوڄا ڪَري ڪيرُ ۽ چڻا وجهنديُون آهِنِ ۽ ناگَ ديوتا کي پرارٿنا ڪنديُون آهِنِ تہ هوُ سَندَنِ سَنتانَ تي دَيا ڪَري.

سِنڌُو : ۽ ٽيجري ..... ؟

گوداوَري : آڙي، ٽيجري نہ، چئُہ ٽيجڙي .....

سِنڌوُ : ٽيجڙي، ٽيڪ.....

گوداوري: ساوڻ جي مهني ۾ ٽيجڙيءَ ڏينهن ڪنواريون ڇوڪريون ۽ سهاڳڻيون اسُر جو اُٿي سوڻ طور ٿورو کائينديون آهن، ميندي رچائينديون آهن ۽ سڄو ڏينهن ورت رکنديون آهن. رات جو چنڊ کي ارگهه ڏيئي ورت ڇوڙينديون آهن.

سِنڌوُ : اسان مرهٽن ۾ وري سهاڳڻيون گهوٽ جي وڏي اورجا لاءِ ساوڻ جا سيئي منگل ورت رکنديون آهن ۽ ان کي ڪوٺيو ويندو آهي 'منگل گوري'. ماتائون ٻارن جي وڏي اورجا لاءِ ساوڻ جا سيئي ٿاروُن ورتُ رکنديوُن آهن. ان کي ڪوٺبو آهي 'جيوتي آئي'. ڪنواريوُن ڇوڪريوُن وري ڳڻيش چوٿ کان هڪ ڏينهن اڳ 'هري تاليڪا' ورتُ رکنديوُن آهن.

گوداوري: اڙي واهَ! ساوڻ جي مهني ۾ اسين سيتلا ماتا جي اُستتيءَ ۾ ننڍي ۽ وڏي ٿڌڙي يا ستهن ملهائيندا آهيوُن. ٿڌڙيءَ کان هڪڙو ڏينهن اڳُ رات جو ڪوڪيوُن ۽ مانيوُن پچائبيوُن آهن ۽ چٽا پُساڻبا آهن. ٿڌڙيءَ ڏينهن گهرڌياڻي سوير اُٿي سنانُ پاڻي ڪري ٻارن کي چنڊو هڻندي آهي. اُن ڏينهن گهر ۾ چُلهه نه ٻاربي آهي ۽ گهر جا سڀ ڀاتي ٿڌو کائيندا آهن. اوڙي پاڙي ۽ مِٽن مائٽن ۾ ڪوڪيوُن ورهائبيوُن آهن ۽ مندرن ٺڪاڻن ۾ وڃي دانُ پُنُ ڪبو آهي. ساوڻ جي پورڻماسيءَ تي 'رکڙي' ڏڻ ايندو آهي. ان ڏينهن تي ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي رکڙي ٻڌندي آهي ۽ موٽ ۾ ڀاءُ ڀيڻ کي خرچي ۽ سوکڙيوُن ڏيندو آهي. ٻانڀڻ پڻ پنهنجي يجمانن جي گهرن

سُوالُ ٣ ڦوري ۾ لِکو :

گوڳڙو، ٽِيڄڙي، رَڪڙي، جَنماشٽمي، ترَموُري، شِوَ.

سُوالُ ٤ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ڪيترا نہ مَزيدارُ آهِن اَسان جا ڏِڻَ وارَ !

اَسان جا ڏِڻَ وارَ ڏاڍا مَزيدارُ آهِن.

١) ڪيترو نہ سُهڻو آهي تاجمَحلُ !

٢) ڪيتري نَہ پيڙ آهي ميلي ۾ !

٣) ڪيترِيُنِ نَہ سُنيُنِ لوڪَ ڪٿائُنِ آهِن سنڌيءَ ۾ !

٤) ڪيترا نہ هوشيارُ آهِن اَڄُڪلهہ جا ٻارَ !

* * * * *

پَلَنِ جوُن فِش پليلوُن کَڏِڻَ جي کَمَ ۾ لڳي ويو. ايتري ۾ پَهريدارُ اچي اُتي پَهتا. سَندَسِ ٻئي ساٿي تَہ کين هَٿِ نَہ آيا پَرَ هوُ هيمُوءَ کي پَڪڙي ٿاڻي وَٺي ويا ۽ وَڃي سَمورو اَحوال ڏنائوُن.

’ڇا توُن سچ پچ ريل جا پَٽا کولي رهيو هُئين؟‘ اِنسپيڪٽرَ هيموُءَ کان پُڇيو.

’ها اِنسپيڪٽرَ صاحِبَ، ظُلمي راڄ خَتمَ ڪرڻ جو هاڻي ٻيو ڪو بہ طريقو ڪونہ بَچيو آهي. اَسان جي باپوءَ پڻ اَسان کي ”ڪَريو يا مَرو“ جو مَنترُ ڏنو آهي.‘

’ٻُڌو اَٿمِ توسان ٻہ ڄڻا ٻيا بہ هُئا.‘

’ها، هئا.‘

’جي توُن اَسان کي اُنهن جا نالا ٻُڌائيندين تہ اَسين توکي آزادُ ڪري ڇڏينداسين.‘

’اُنهن جا نالا آهِن: پَڪڙ ۽ هَتوڙو..... سُوال مُنهنجي آزاديءَ جو ناهي، سُوال آهي ڀارتَ ماتا جي آزاديءَ جو، جا صَديُن کان غلاميءَ جي زَنجيرُن ۾ جَڪڙي پيئي آهي. هَرَ قُرباني ڏيئي ڀارتَ ماتا کي آزادُ ڪرائڻو آهي. اِنسپيڪٽرَ، توهين بہ مُون سان هڪَ وارِ چئو ”ڀارتَ ماتا جي جَئہ!“‘

’وَٺي وَڃو هِنَ نادانَ ڇوڪري کي هِتان، وَڃي کَڙي نَموُني بہ سَچي ڪَرايوسِ.‘ اِنسپيڪٽرَ ڪاوڙ وچان چيو.

هيمُوءَ کي پوليس انيڪَ تَڪليفون ڏنيوُن پر هو پنهنجي ڳالهہ تي قائِمُ رهيو. معاملو پوليس کان فوَجي عدالت ۾ پَهتو. پَر هيمُوءَ جو رُخُ ڇلو هو. ڪيس نہ ڪنهن قسمَ جو پڇتاءُ هو ۽ نہ ئي معافيءَ جي طلب. آخر ڪورٽ فيصلو ڪيو تہ هيمُوءَ کي ٢١ جنوري ١٩٤٣ع تي ڦاسي ڏني وڃي. هيموءَ کي اِنَ ڳالهہ جي خوشي هُئي تہ هو وطن لاءِ پَنهنجي جانِ

قرباني ڪري رهيو آهي. جيل ۾ سندس ڏهه پائونڊ وزن وڌي ويو هو. جڏهن سندس ماتا ۽ مٽ مائٽ گڏجڻ آيا تڏهن ماتا جي اکين ۾ آنسو ڏسي هيموءَ چيس، 'امڙ، تون روئين پيئي! توکي ته ناز هئڻ گهرجي ته تنهنجو پٽ ملڪ تان قربان ٿي رهيو آهي. تون ٿي ته چوندي آهين، هيءُ سرير ناسونت آهي، آتما امر آهي. امڙ، ماترڀوميءَ لاءِ مان وري جنم وٺندس.'

'انقلاب زنده آباد'، 'ڀارت ماتاجي جئه' جا نعرا هڻندي، کلندي کلندي آزاديءَ جو هي ديوانو ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ جهولڻ لڳو. سندس قرباني ڏسي سڀني جون اکيون نم ٿي ويون.

چوند نوان لفظ ۽ اصطلاح :

لفظ : ساراه = تعريف ؛ ڪانڪي = اڇا رکندڙ، خواهشمند ؛
انقلابي = ڪرانتيڪاري ؛ پروانو = پتنگ ؛ شمع = ڏيئو، بتي ؛ وطن پرستي = ديش ڀڳتي ؛ بي ڊپو = نڊر، بهادر ؛
اونداهو = انڌڪار سان ڀريل ؛ جذبو = ڀاونا ؛
ناسونت = نشور ؛ قرباني = بليدان ؛ طلب = اڇا ؛
نم = آلو، ڀنل.

اصطلاح : سبق سيکارڻ = سکيا ڏيڻ ؛ سچي ڪرائڻ = سچ قبول ڪرائڻ ؛ اکيون نم ٿيڻ = اکين ۾ آنسو ڀرجي اچڻ.

## اڀياس

سوال ١ سوالن جا جواب لکو :

١) هيموءَ ڪالاڻيءَ کي سنڌ جو ڀڳتسنگهه ڇو ڪوٺيو وڃي ؟

٢) هيمو ڪالاڻيءَ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو هو؟
٣) ننڍپڻ کان ئي هيمو ڪهڙي سڀاءَ جو هو؟
٤) هيموءَ جا ساٿي ڪهڙي خبر کڻي آيا؟
٥) انگريزن کي سبق سيکارڻ لاءِ هيموءَ ۽ سندس ساٿين ڪهڙي رٿا رٿي؟
٦) هيمو ڪهڙي الزام ۾ پڪڙيو ويو؟
٧) پوليس انسپيڪٽر هيموءَ کان ڇا پڇيو؟ هيموءَ کيس ڪهڙو جواب ڏنو؟
٨) فوجي عدالت ڪهڙو فيصلو ڪيو؟ ڇا اهو فيصلو ٻڌي هيمو ڏکي ٿيو؟

سوال ٢ حوالا ڏيئي سمجهايو :

١) توهين بہ مونسان هڪ وار چئو، 'ڀارت ماتا جي جئہ'.
٢) اسان جي باپوءَ پڻ اسانکي 'ڪريو يا مرو' جو منتر ڏنو آهي.
٣) ماتريوميءَ لاءِ مان وري جنم وٺندس.

سوال ٣ جملن ۾ استعمال ڪريو :

سبق سيکارڻ، سچي ڪرائڻ، اکيون نم ٿيڻ.

سوال ٧ مثالن موجب لفظ جوڙيو :

مثال : سهڪار - اسهڪار

سنتوش، گيان، نياءُ، ڌرم، ناٽڪ.

مثال : آزاد - آزادي

غلام، جوابدار، قربان، دوست، چور.

سوال ٥ مثال موجب جملا ٺيري لکو :

مثال : تو ريل جا پٽا کوليا.

توهان ريل جا پٽا ڪولي رَهيو هُئين.

١) توهان پاڻ ۾ ڳالهايو.

٢) هُنَ ماستَرياڻيءَ آزاديءَ جو گيتُ ڳاتو.

٣) ڇوڪري گهر جو ڪَمُ پورو ڪيو.

٤) آزاديءَ جي ديوانَن انگريزَن سان مُقابِلو ڪيو.

سُوالُ ٦ مِثالَ موجِب مُرڪبُ جُملا جوڙيو :

مِثالُ : سُوالُ ڀارَت ماتا جي آزاديءَ جو آهي. هوءَ صَديُن کان غُلاميءَ جي زَنجيرُن ۾ جَڪِڙي پيئي آهي.

سُوال ڀارَت ماتا جي آزاديءَ جو آهي جا صَديُن کان غُلاميءَ جي زَنجيرُن ۾ جَڪڙي پيئي آهي.

١) اِهو شَهيدَ جو پُتلو آهي. هُنَ وَطَن لاءِ پَنهِنجا پراڻ قُربانُ ڪيا.

٢) هيءَ سنڌي آکاڻي آهي. اِها هنديءَ ۾ تَرجُمو ڪئي ويئي آهي.

٣) هوُ ڳوٺاڻا آهِن. اِهي روزگارَ جي تَلاشَ ۾ شَهَرَ ۾ آيا آهِن.

٤) هي سُنيُوَن ماستَرياڻيُوَن آهِن. اِنهَن اسان کي پَڙهايو آهي.

* * * * *

ٻڌائڻ جو ڍنگ ؛ دوشالو = ڊپٽو ؛ چيبر = گهنگهرو ؛ تاڃي پيٽو = بناوت، اڻت ؛ آخلاقي = نيتڪ سکيا ڏيندڙ ؛
سوز = درد ؛ پلئا پلٽ = هڪ پليان ٻيو ؛ دعا = آسيس ؛
سنگت = ڳيت يا ڪيرتن ۾ حاضر لوڪ ؛
سرمور = بهترين، سيني ڪان سٺو ؛ سڌ ٻڌ = هوش ؛
آسوند = ڪامنا رکندڙ ؛ ايلچي = سنديش پهچائيندڙ، دوت.
اصطلاح : گهور ڪرڻ = رپيا پيسا وغيره ڪنهن جي مٿان گهمائي دان ڪرڻ ؛ باس باسڻ = منوڪامنا پوري ٿيڻ تي دان پن يا پوڄا پاٺ ڪرائڻ جو سنڪلپ ڪرڻ ؛ عرض اونائڻ = وينتي ٻڌڻ ؛ آسون اگهائڻ = منوڪامنائون پورا ڪرڻ.

## آڀياس

سوال ۱ سوالن جا جواب لکو :

۱) ڳيت جا آهي؟ پيشڪش جي لحاظ کان ان جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
۲) ڳيت جي پوشاڪ ڪهڙي هوندي آهي؟
۳) قابل ڳيتڪ ۾ ڪهڙيون خوبيون هونديون آهن؟
۴) ڳيت جي ڪيتري ۾ سنت ڪنور ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ڪهڙو يوگدان رهيو آهي؟

سوال ۲ ٿوري ۾ لکو :

ٻولڙيو، لولي، پلئو.

سوال ۳ توهان جي ڪيتري ۾ ڪيرتن جي ڪنهن قسم جو ٿوري ۾ بيان ڪريو.

سُوالُ ۴ جُملَن ۾ اِستعمالُ ڪَريو :
گهورَ گهورَڻُ، باسَ باسَڻُ، عَرضُ اوناڻُ، آسُون اَگهاڻُ.

سُوالُ ۵ مِثالَن جي آڌارَ تي لَفظَ جوڙيو :
مِثالُ : پَڙهيَلُ - اَڻپَڙهيَلُ
سُڄاتَلُ، پورو، ٻُڌو، ڏٺو، سِڌو.
مِثالُ : فَنُّ - فَنڪارُ
ساهتُ، ڪلا، گيتُ، ادا، هِدايَت.

سُوالُ ٦ مِثالَ موُجِبَ جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : ڪو وَڏو ڏڻُ وارُ آهي.
ڪو وَڏو ڏڻُ وارُ هُجي.
۱) ڏِسُ ڪَمِري ۾ ڪي ڇوڪرا آهِن.
۲) ڪو گهرَ ۾ وَڏو آهي تہ ڪيس سڏُ ڪَر.
۳) تو وَٽ ڪا سُني پينَ آهي تہ مونکي ڏي.
۴) توهان کي ڪي نندِيُوں آکاڻيُوں يادِ آهِن تہ ٻارن کي ٻُڌايو.

سُوالُ ۷ مِثالَ موجِبَ جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : ٻَچَتِ جو پروگرامُ رَکيو وَڃي ٿو.
ٻَچَتِ جو پروگرامُ رَکجي ٿو.
۱) ڪَنوَرُ ٻُچَتَن جو سِرمورُ ليکيو وَڃي ٿو.
۲) غَريبَن جي مَدَدَ ڪَئي وَڃي ٿي.
۳) ٻارَن کي ڪِتابَ مُفتُ ڏِنا وَڃن ٿا.
۴) مِزمانَن کي خُوبُ مِنايُون ڪارايُون وڃن ٿيون.

سُوالُ ۸ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : ماڻهوُ خُوش ٿي گهورُون پيا گهورِين.
ماڻهو خُوشِ ٿي گهورُون پيا گهوريندا.

١) تون ھُن کي پيو ساراھين.
٢) سڀُ ٻچا ڪنوررامَ جا گُڻَ پيا ڳائِين.
٣) ھُوءَ خوشيءَ وِچان پيئي نچي.
٤) تَوھين ڪيس پيَسا پيا موڪِليو.
٥) آسِين تَوھان سان پيا مِلون.
٦) مان گُولَنِ جو سيرُ پيئي ڪَريان.

# ١٥. مُنهِنجي اَمَڙِ

مُونکي ڪنهِن تي ڪيرُ پيئاريو،
پيارَ مَنجهان تي گودِ وِهاريو؟
خوُش ٿي هَرَ هَرَ مون ڏي نِهاريو،
مُنهِنجي اَمَڙِ، مُنهِنجي اَمَڙِ!

ننڊَ ڦِٽي مون جڏهِن ٿي پيئي،
ڪنهِن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي؟
ڇڏي نہ مونکي ڪيڏانهَن ويئي،
مُنهِنجي اَمَڙِ، مُنهِنجي اَمَڙِ!

ننڊُ ڪندي جي ڏِکو ڪاڏِمِ،
ڪنهِن ڪَٺي تي ڇاتيءَ لاتِمِ؟
پيارَ مَنجهان تي پاڪُرُ پاتِمِ،
مُنهِنجي اَمَڙِ، مُنهِنجي اَمَڙِ!

وَڏي جڏهِن مان وَڏو ٿيندُسِ،
سُکَ سوين مان توکي ڏيندُسِ.
تو تي پنهِنجو ساهُه ڇڏيندُسِ،
مُنهِنجي اَمَڙِ، مُنهِنجي اَمَڙِ!

چوُنڊَ نوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : ٿي = پِئي ؛ مَنجهان = مان، وِچان ؛ ڏي = ڏانهَن ؛
نِهارَڻُ = ڏِسَڻُ ؛ ساهُه = پراڻَ، جانِ.

اصطِلاحَ : ننڊَ ڦِٽَڻُ = ننڊَ نہ اَچَڻُ ؛ ڏِکو ڪائِڻُ = ڪِري پَوَڻُ،
نوڪَرَ ڪائِڻُ ؛ ڇاتيءَ لائِڻُ = گَلي لَڳائِڻُ، پاڪُرُ پائِڻُ.

# اڀياسُ

**سُوالُ ١ سُوالن جا جوابَ لِکو :**

١) ماءُ پَنهِنجي ٻارَ کي ڪهڙي نَموني پالي وَڏو ڪَري ٿي ؟

٢) اوَلادَ جو ماءُ لاءِ ڪهڙو فَرضُ آهي ؟

**سُوالُ ٢ ڏِنَلَ اِشارَنِ جي آڌارَ تي آکاڻي لِکو :**

**ماءُ**

ماءُ جو لاڏِلو پُٽُ راجُو - اِمتحانَ جو ڏينهُن - هو سڪُولَ ڏانهُن رَوانو - رَستي تي رَميشَ سان مُلاقاتَ - ٻِنهين جي اِمتحانَ لاءِ تياري نَہ هُئڻُ - رَميش جي صَلاحَ - سڪُولِ نَہ وَڃي هيڏانهُن هوڏانهُن گهُمَڻُ - شامَ جو گهَرِ موٽَڻُ - ماءُ جو راجوءَ کان اِمتحانَ بابَتِ پُڇَڻُ - ڪُوڙُ ڳالهائِڻُ - پيپَرُ تَمامُ سَولو ۽ سُٺو - ماءُ جو سَمجهي وَڃَڻُ - پُٽَ سان پورا ٽي ڏِينهَن نَہ ڳالهائِڻُ - راجُوءَ جو پَشيمانَ ٿي روئِي سَچُ ٻُڌائِڻُ - معافي گهُرَڻُ - ڪَڏَهِن بہ ڪُوڙُ نَہ ڳالهائِڻَ جو واعدو ڪَرَڻُ - ماءُ جو پُٽَ کي ڀاڪُرَ ۾ ڀَرَڻُ.

**سُوالُ ٣** 'ماءُ جي مَمتا' وِشيہ تي ١٥ - ٢٠ جُملا لِکو.

**سُوالُ ٤ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪريو :**

رِندَ ڦلڻُ، ڏِکو کائِڻُ، ڇاتيءَ لائِڻُ.

**سُوالُ ٥ مِثالَن مُوجِبِ صَحيح ڪِريا رُوپَ ڀَري جُملا پورا ڪَريو :**

**ٻارُ کيرُ <u>پيئي</u> ٿو. ماءُ ٻارَ کي کيرُ پيئاري ٿي.**

١) ٻارُ سُمجهن ٿا. ماءُ ٻارَنِ کي ______ ٿي.

٢) شاگردَ لِکن ٿا. ماسترُ کينِ ______ ٿو.

٣) اَسين چانهِہ پيئون ٿا. رَميشُ اَسانکي چانهِہ ______ ٿو.

٤) سَڀُ فارمَ ڀَرينِ ٿا. صاحِبُ هُنَن کان فارمَ ______ ٿو.

٥) ٻارَ ڏاڍو ڪِلَنِ ٿا. ٻاندرُ هُنَنِ کي ــــــ ٿو.

سُوالُ ٨ مِثالَ مُوجِبِ ضَميرِي لَفظَ هَٽائي ضَميرِي پَڃاڙيُوُن اِستعمالُ ڪَري جُملا وَري لِکو:

مِثالُ: مُون پَنڌُ ڪَندي ڏَڪو کاڌو.

پَنڌُ ڪَندي ڏِڪو کاڌُمِ.

١) اَسان صُبُحَ جو چانهِ پيتي.
٢) تو پَنهِنجو ڪَمُ پُورو ڪَيو.
٣) مُون دوستَ کي چِٺي لِکي.
٤) تَوهانِ هِڪڙو سَندي راڳُ ٻُڌايو.
٥) هُنَ پاسِ لِيَڪَ جي خُوشيءَ ۾ مِٺائي وِرهائي.
٦) هُنَنِ سَهِني کي پَنهِنجي گهَرِ گهُرايو.

✻ ✻ ✻ ✻ ✻

# ١٦. سنڌي ٻولي

سنڌي ڏکڻ ايشيا جي هڪ اهم اُسريل ٻولي آهي. اها هڪ قديم، اعليٰ ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. هن وقت دنيا ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد اٽڪل ڏيڍ ڪروڙ آهي. جنهن مان اٽڪل هڪ ڪروڙ ويهه لک پاڪستان ۾ (گهڻي ڀاڱي سنڌ صوبي ۾) رهندا آهن. پنجويهه لک ڀارت جي جدا جدا صوبن ۾ (خاص ڪري گجرات، مهاراشٽر، راجستان، اُتر پرديش ۽ دهليءَ ۾) وسيل آهن ۽ پنج لک ڪن ٻين ملڪن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جي باري ۾ ودوانن جا جدا جدا رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته سنڌي اوتري ئي قديم آهي جيتري سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا. ڪي سنڌيءَ کي سنسڪرت جي ماءُ ٿا مڃين، ته ڪي وري ٻيو. پر گهڻي ڀاڱي ودوان ان رايي تي پهتا آهن ته ٻين آريه ٻولين جيان سنڌي ٻوليءَ جو بنياد پڻ سنسڪرت ئي آهي. ٻين آريه ٻولين جيان سنڌيءَ پڻ پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش جون منزلون طئه ڪري ڏهين صديءَ ڌاري پنهنجو جديد روپ اختيار ڪيو.

چئبو آهي، 'ڇئن ڪوهن تي پاڻي بدلي، اٺن ڪوهن تي ٻاڻي.' ڀوگولي ڪيترن جي آڌار تي سنڌيءَ جون مکيه ڇهه اُپڀاشائون مڃيون وڃن ٿيون: سرائڪي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري ۽ ڪڇي. وچوليءَ کي ٻوليءَ جو معياري روپ مڃيو وڃي ٿو.

صدين کان سنڌ جا تجارتي ۽ تهذيبي ناتا دنيا جي انيڪ ملڪن سان رهيا آهن جنهن جو اثر ٻوليءَ تي پوڻ سڀاويڪ آهي. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان وٺي اڄ تائين

۵) اَنگريزي حُڪومت ڪان اَڳ سِنڌ ۾ سنڌيءَ لاء ڪهڙيون لپيون واهپي ۾ هيون ؟
٦) سِنڌي شِعر جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ سِنڌيءَ جو پهريون شاعِرُ ڪنهن کي ٿو مڃيو وڃي ؟
٧) ڪهڙن شاعرن کي وِچين دور جي ٿمورتي ڪوٺيو ٿو وڃي ؟
٨) وِرهاڱي جو سِنڌي جيوَن ۽ اَدَب تي ڪهڙو اَثرُ پيو ؟
٩) ڀارتي سِنڌين کي پنهنجي ٻوليءَ بابت ڪهڙو اونو آهي ؟
١٠) ٻوليءَ کان ڪِٽجڻ ٿيندو پنهنجي جيون کان ڪٽجڻ، ٿوري ۾ سمجهايو.

سُوالُ ٢ توهين پنهنجي ٻوليءَ بابت ١٥-٢٠ جُملا لکو.

سُوالُ ٣ ضِدَ لِکو : اُسريل، قديم، ڏنوان، نفرُ.

سُوالُ ٤ جُملن ۾ استعمال ڪريو :
ڪاپاريءَ وارو ڏک هئڻ، لهر نـ لوڏو هئڻ، همٿ هارڻ، ٻرُ ميچڻ.

سُوالُ ۵ مِثال مُوجب جُملا ٺيري لِکو :
**مِثالُ : سِنڌي سِنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا جي برابر قديمُ آهي.**
**سنڌي اوتري ئي قديمُ آهي جيتري سِنڌوُ ماٿريءَ جي سڀيتا.**
١) توهان کي پريل پيسن جي برابر ٽڪيٽون مِلنديون.
٢) ڪلاس ۾ ڇوڪرن جي برابر ڇوڪريون آهن.
٣) سَنڌين جو تعدادُ ڳوٺن ۾ شهرن جي برابر ناهي.
۴) هِن سڪول ۾ هُن سڪول جي ماستريائڻين جي تعدادَ برابر ماستريائيون ناهِن.

سُوالُ ٦ مِثالَ موُجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اَڪِلَ ليھَم لَکَ سِنڌي ڀارَتَ ۾ رَھَندا آھِنِ.

ليھَم لَکَ کَنُ سِنڌي ڀارَت ۾ رَھَندا آھِنِ.

١) مُونکي ڪِتابَ وَٺَڻَ لاءِ اَڪِلَ سَوَ رُپيا کَپَنِ.

٢) سَنڌس شاديءَ ۾ اَڪِلَ ھزارُ ماڻھو آيا.

٣) آسِين گانڌي ڌامَ ۾ اَڪِلَ ھفتو رَھنداسِين.

* * * * *

سڪولَ، ڪاليجَ، اِسپتالُون ۽ شيوا جُون اَنيڪُ سَنستائُون بَرپا ڪرايائِين.

دادا نِهَٺو ۽ نِماڻو سَنتُ پُرُشُ هو. سَندَسِ شَخصيَت ۽ اوُچَ ويچارَنِ ماڻهُنِ جي دِليُنِ تي گَهري ڇاپَ ڇَڏي. هُنَ ڪيترَنِ کي پَنهِنجي پَرَ ۾ وِهاري سائُنِ روُحَ رِهاڻ ڪئي تَہ ڪيترَنِ وَري سَندَسِ سانتِ مان سَبَقُ سِکيو.

دادا رُوحاني شاعِرَ پِڻِ هو. هُنَ ڪيترائِي سُندَرُ پُستَڪَ لِکيا آهِنِ، جِنِ مان نوري گرَنتُ مُکيہ آهي.

پَنهِنجي ماتا جي ديهانتَ بعدِ سَڀُ عُهدا تياڳي دادا فَقيري قبُولي. پَرَ هو عامُ سادُنِ جيان دُنيا کان ڪِنارو ڪَري ڪَنهِن ڪُندَ ۾ وَڃي نَہ ويٺو، نَڪي وَري جَهنگ مُنهن ڏِنائِين. هُنَ چَيو آهي تَہ دِينَنِ جي شيوا ئي دِيناناٿَ جي سَچي ڀَڳتي آهي. هُو آخِري گهڙيُنِ تائين دِينَ دُکيُنِ جي شيوا ڪَندو رَهيو، پاڻَ پَتوڙِيندو رَهيو. سَندَسِ دِلِ ۾ رُڳو اِنسان ذاتِ لاءِ نَہ پَرَ پَسُون پَکيُنِ لاءِ پِڻِ پريمُ هو. هُو چَوَندو هو اِهي پَسُون پَکي پِڻِ پرڀوءَ جا ئي رُوپَ آهِنِ. جيوَ دَيا جي اُنَ ڀاوَنا سَبَبِ سَندَسِ جَنمَ ڏِينهُن ڀارَتَ ۽ دُنيا جي ڪيترَنِ مُلڪَنِ ۾ 'ويشنوَ ڏِينهُن' ڪَري ملهايو ويندو آهي.

دادا ڌَرمي خيالَنِ وارو مَهاپُرُشُ هو. سَندَسِ دِلِ ۾ سَڀِني مَذهَبَنِ لاءِ گَهرو پريمُ هو، هُو ڌَرمَ کي ٻاهِريون ڏيکاءُ نَہ مَڃِيندو هو. هُنَ سَچُ ئي چَيو آهي، 'ڌرمُ فَقطِ مَٺا ٽِيڪَڻَ ۾ ڪونهي، نَڪي رُڳو گِيتَ ڳائِڻَ ۽ شاستَرَ پاٺَ ۾، سَچو ڌَرمُ اَتَوَ دَيا ۾، ڌَرمَ اَتَوَ ڀوِترَتا ۾، ڌَرمُ اَتَوَ نِئُرَتَ ۾.' اِنَ ڪَري ئي سَندَسِ رايو آهي تَہ ڌَرمُ بابَتِ ڳالهايو گهٽِ، پالَنُ وَڌِيڪَ ڪَريو.

دادا واسواڻيءَ ١٦ جَنوَري ١٩٦٦ع تي پوني ۾ سَنساري

٥) ڌرم بابت ساڌو واسواڻيءَ جا ڪهڙا ويچار آهن؟

سوال ٢ ساڌو واسواڻيءَ بابت صحيح جاءِ لکو :

جنم آستان :

جنم تاريخ :

ديهانت آستان :

ديهانت تاريخ :

سوال ٣ خال ڀري جملا پورا ڪريو :

١) ساڌو واسواڻيءَ جي پتا جو نالو ______ هو.

٢) سنڌ ۾ ساڌو واسواڻيءَ ناري سکيا لاءِ ______ هلچل هلائي.

٣) ساڌو واسواڻيءَ جي مکيه گرنٿ جو نالو ______ آهي.

سوال ٤ نوٽ ۾ لکو :

ناري سکيا جي اهميت، ويشنو ڌينهن.

سوال ٥ ضد لکو : سچو، نهنو، غريب، ڏکي.

سوال ٦ جملن ۾ استعمال ڪريو :

راهه روشن ڪرڻ، پاڻ موڪڻ، روح رهاڻ ڪرڻ، جهنگ منهن ڏيڻ، پاڻ پتوڙڻ.

سوال ٧ مثالن موجب لفظ جوڙيو :

مثال : ڀلو - ڀلائي

بُرو، سُٺو، وڏو، سولو، ڏکيو.

مثال : شخص - شخصيت

انسان، حيوان، هير، انگريز.

# ١٨. بَددُعا يا دُعا

سَنتَنِ جي وَچنَنِ ۾ ڪيترو نہ گهرو رازُ سمايلُ هوندو آهي. اُنَ جو هڪُ سُندرُ مثالُ ڏسو.

گُروَ نانڪَ ديوَ اَڪثر پنهنجي ٻنِ پيارَنَ شِشَنِ بالي ۽ مَرداني سان رَٽنَ ڪندا هُئا. هو لوڪَنِ کي پنهنجي مِلِيءَ واڻيءَ ۾ ايشورَ ڀڳتيءَ، سِکَ ۽ شيوا جو سَنديش ڏيندا هُئا.

هِڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ آهي، هو رَٽنُ ڪندي اچي هِڪَ ڳوٺَ جي ٻاهران وَڻَ هيٺان ساهي پَٽڻ لڳا. وَڻَ جي ڀرسان ٻنيءَ ۾ ڪمُ ڪندڙ هِڪَ هاريءَ کين سُڃاتو ۽ ڊوڙي اچي گُرديو جي چرڻَنِ ۾ سِرُ نَوايو. هُنَ کين نِماڻي وينتي ڪئي، 'بابا، اَسان جا ڌَنُ ڀاڳُ آهِن جو اَچي دَرشَنُ ڏِنو اٿوَ. عَرضُ آهي تہ هَلي اَسان جي ڳوٺڙي ۾ چَرَڻَ گهمائي ڳوٺ کي پوترُ ڪريو. اَسان اَبوجهہ ڳوٺاڻَن تي آسيسَ جا هَٿڙا گهمايو.'

بابا مُرڪي وراڻيو، 'پيارا، اَسين هتي ئي ٺيڪ آهيوُن. ٻہ چار گهڙيوُن آرامُ ڪري پنهنجي راهُ وَٺنداسين.'

ڳوٺاڻي مَنَ ۾ سوچيو تہ ائين ڪيئن ٿيندو؟ گُرديو اَسانجي ڳوٺَ تائين اچي بنا آدر ستڪار جي هَلي وڃن، ڳوٺواسي سَندَنِ دَرشنُ بہ نہ ڪري سگهن، سَندنِ آسيسَ جا وَچَنَ نہ ٻُڌي سگهن.'

هُنَ وري هَٿَ جوڙي گُروُجَنِ کي عَرضُ ڪيو، 'بابا، دَيا پالي ڪُجهہ وَقتُ هِتِ ئي ترسِجو، مان اِجهو ٿو اَچان.'

جيئَن ئي هوُ ڳوٺَ ۾ گهڙيو تيئَن سَڄي ڳوٺَ ۾ گُروُديو جي پَڌارجَڻَ جي خبرَ ڦهلجي ويئي. بس پوءِ تہ سَڄو ڳوٺُ اَچي اُتي پُليو. هَرڪَنهن شرڌا ۽ شَڪتيءَ مُوجِبِ پيلا آڻي گُروُ چَرڻَنِ ۾ رَکيِ.

تي ڪهڙو اثر پيو؟

۴) ستسنگ پورو ڪري موڪلائڻ وقت گروجن ڇا فرمايو؟

۵) ٻئي ڳوٺواسين جو وهنوار ڪهڙي قسم جو هو؟

٦) ٻئي ڳوٺ کان روانو ٿيڻ وقت گروجن ڇا فرمايو؟

۷) گروجن ڀالي ۽ مرداني جو ڀرم ڪيئن دور ڪيو؟

**سوال ۲ ڏنل اشارن جي آڌار تي آکاڻي لکو :**

رٿن وقت گرونانڪ جو هڪ ڳوٺ ۾ غريب لالوءَ واڍي وٽ ٽڪڻ - ڳوٺ جو زميندار ڀاڳو - هڪ ڏينهن سڀني سادو سنتن کي زميندار دواران مانيءَ جو نوتو - گرونانڪ جو وٽس نه وڃڻ - زميندار جو ڪاوڙجي گرونانڪ کان سبب پڇڻ - گروءَ جو جواب، 'توهانجا طعام ڪوڙ جي ڪمائيءَ جا - لالوءَ جي ماني سچ جي ڪمائيءَ جي - زميندار دواران ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ چوڻ - گرونانڪ جو هڪ هٿ ۾ ڀاڳوءَ جو مالپڙو ۽ ٻئي هٿ ۾ لالوءَ جو ڍوڍو جهلي نپوڙڻ - مالپڙي مان رت ۽ ڍوڍي مان کير جي ڌارا - ڀاڳو پشيمان - گروءَ چرڻن ۾ ڪري معافي گهرڻ.

**سوال ۳ ضد لکو :**

ڀرسان، سچار، سدگڻ، ڪنڊو، آسيس.

**سوال ۴ جملن ۾ استعمال ڪريو :**

ساهي پٽڻ، سرُ نوائڻ، گدگد ٿيڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

**سوال ۵ مثال موجب لفظ ٺيري لکو :**

مثال : دَيا - دَيالو

ڪرپا، شرڌا.

سُوالُ ٦ مِثالُ موُجبُ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَن وٽ هينان ساهي پٽي.

هوُ وٽ هينان ساهي پٽڻ لڳا.

١) هوُ ڳروُءَ وَٽِ ڪنا ڦيا.

٢) هُنَن وَٽ هينان ڦورو آرامُ ڪيو.

٣) موُن سَيهني کي اِها ڳالهِ ٻُڌائي.

٤) هُنَ ڳُروءَ اڳيان پنهِنجو سِرُ نَوايو.

سُوالُ ٧ ضمِيري پڇاڙيوُن هٽائي ضمِيري لَفظَ اِستعمالُ ڪري جُمِلا وَري لِکو :

١) ڏَرشَنُ ڏنو اٿوَ.

٢) ڳُرو چرڻَنِ ۾ پيلا رَکي اٿِن.

٣) سَيهني ڳوٺاڻِن کي دُعا ڪئي اٿس.

٤) سَندَسِ ڳالهِ سَمُجهه ۾ آئي اٿمِ.

٥) سَيهني جو سُنو آدرُ سَتڪارُ ڪيو اٿيئي.

٦) ڳُروُجنِ جي پَڌارجڻَ جي خَبرَ پيئي اٿئوُن.

✻ ✻ ✻ ✻ ✻

# ١٩. هاڪي

هاڪيءَ راند جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي، اِنَ باري ۾ وشواس جوڳي ڪا به ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي. پر اِنَ باري ۾ ڪي ثابتيون مِليون ٿيون جن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ هاڪيءَ جهڙي ڪا راند قديم ايرانين ۾ کيڏي ويندي هئي. جنهن کي پوءِ يونانين اپنايو. پوءِ وري اِها راند روم واسين ۾ کيڏي ويئي. اِن کانسواءِ اميريڪا جا ريڊ انڊين پڻ اِن قسم جي هڪ راند کيڏندا هئا.

ارڙهين صديءَ جي آخرين ڏهاڪي تائين اِها راند مختلف نالن سان کيڏي ويندي هئي جنهن جا قاعدا پڻ مقرر ڪونہ هئا.

جديد هاڪي اَڄ کان سَو کن سال اڳ وجود ۾ آئي. سنہ ١٨٨٦ع ۾ هاڪي ائسوسيئشن برپا ڪئي ويئي. اڳتي هلي اِن جو نالو مٽي انٽرراشٽريہ هاڪي بورڊ رکيو ويو. اِن بورڊ 'فيلڊ هاڪي' ۽ 'آئيس هاڪي' (اِها برف جي ميدان تي کيڏبي آهي) جا قاعدا مقرر ڪيا.

'فيلڊ هاڪي' هموار کُليل ميدان تي کيڏجي ٿي. ميدان جي ڊيگهہ اٽڪل اسي ميٽر ۽ ويڪر ايڪتاليهہ ميٽر هوندي آهي. ڊيگهہ وارين ليڪن کي 'بائونڊري لائينون' ۽ ويڪر وارين ليڪن کي 'گول لائينون' ڪوٺيو ويندو آهي. گول وارين ليڪن جي وچ ۾ اٽڪل ٽن ميٽرن جي فاصلي تي گول جا ٿنيا کوڙيا ويندا آهن. انهن جي وچ ۾ جاري پڻ لڳائي ويندي آهي. راند جي ميدان جي ڪنارن، گول، ڊي ۽ وچ جي ليڪن تي اڇي چُن سان نشان ڪيا ويندا آهن.

اِن راند لاءِ بہ ٽوليون ٺاهيون وينديون آهن. هر ٽوليءَ ۾ يارهن رانديگر هوندا آهن. هر ٽوليءَ جي رانديگرن کي

ميدانَ ۾ مُقررُ آسڻانَ تي بيهاريو ويندو آهي. پَنجَ ’فارورڊ‘، ٽي ’هاف بئڪ‘، ٻہ ’فُل بئڪ‘ ۽ هِڪُ گولچِي. هَرَ رانديگرَ جي هَٿ ۾ هاڪِي هُوندِي آهي جَنهِن جي مَدَدَ سان هو چَمڙِي جي اَڇِي بالَ کي چُلِيندو آهي. هَرِڪو اِها ڪوشِشَ ڪَندو آهي تہ بالُ مُخالِف ڌُرِ جي گولَ اَندَرِ وَڃي. گولچِيءَ کي پَنهِنجِي جِسمَ سان بالُ روڪَڻَ جي ڇُوٽِ هُوندي آهي پَرَ باقي رانديگرَ رُڳو هاڪِيءَ جو ئي اِستعمالُ ڪَندا آهِنِ. رانِدِ ۳۵-۳۵ مِنٽَنِ جي ٿِيندِي آهي. وِچَ ۾ پَنجَنِ مِنٽَنِ جي رِسيسَ ڏِني ويندِي آهي. جي ٻَئِي ڌُريُون راضِي هُجَنِ تہ اِها رِسيسَ ڏَهَنِ مِنٽَنِ جي ڪَري سَگهِبي آهي. رانِدِ قاعِدي مُوجِبِ کيڏي وَڃي اِنِ لاءِ ٻہ ريفري پِڻ مُقررُ ڪَيا ويندا آهِنِ.

شُرُوع ۾ هاڪِيءَ جو رَواج رُڳو يُورپَ جي مُلڪَنُ ۾ ئي هو. سَنہ ۱۹۲۴ع ۾ اَنٽرَراشٽرِيہ هاڪِي فئڊَريشَنَ کي سَڄِي دُنيا ۾ هاڪِيءَ جا مُقابِلا ڪَرائِڻَ جي اِختيارِي ڏِني ويئِي. سَنہ ۱۹۲۸ع ۾ ايمسٽرڊَئمِ ۾ هاڪِيءَ کي اولَمپِڪ رانديُنِ ۾ شامِلُ ڪَيو ويو. تَڏَهِن کان وَٺِي هاڪِيءَ جي دُنيا ۾ اَسان جي ڌاڪَ ڄَمي ويئِي. اَسان جي مُلڪَ ايشيائِي، وِشوَ ۽ اولَمپِڪ رانِديُنِ ۾ ڪيتِرَنِ ئي مُلڪَنِ کي شِڪَستَ ڏَئِي انيڪَ. اِنعامَ حاصِلُ ڪَيا آهِنِ. ’ڌيانچَندَ‘ کي هاڪِيءَ جو جادُوگرُ مَڃيو ويندو آهي. اَسان جي رانديگَرَنِ جي دُنيا ۾ هَرَهَنڌِ ساراهَ ڪئي وَڃي ٿِي.

هاڻِ تہ زالُنِ ۾ بہ اِها رانِدِ ڪافِي لوڪَپريہ ٿِي رَهي آهي. اَسان جي مُلڪَ ۾ سَنہ ۱۹۴۷ع کان زالُنِ جي هاڪِيءَ جا مُقابِلا شُرُوع ڪَيا ويا. هُنَنِ پِڻ مَردَنِ جِيان اِنَ کيترَ ۾ اَسان جي مُلڪَ جو نالو روشَنُ ڪيو آهي.

چونڊ نوان لفظ :

مُقرَرُ = طئہ، هَموارُ = سِڌو، سَنئون، ڏيگهہ = لنبائي،
راضي = سَهَمَتِ، فاصِلو = دوري، ڏُر = ٽولي، جِسمُ = سَرِيرُ،
تَنُ، مُقابِلو = چٽاپيٽي، اِختياري = اَڌِڪارُ، حَقُ، شِڪستَ = هارَ.

## اَڀياسُ

سُوالُ ۱ سُوالن جا جَوابَ لِکو :

۱) هاڪيءَ راند جي شُروعاتِ ڪَڏهن ۽ ڪِٿي ٿي؟ ٿوري ۾ لِکو.

۲) هاڪيءَ راند جي مَيدانَ بابَتِ تَفصيلُ ٿوري ۾ لِکو.

۳) هاڪيءَ جو جادُوگَرُ ڪَنهِن کي ڪوٺيو وَيو ٿو؟

سُوالُ ۲ ٿوري ۾ لِکو :

۱. آئيس هاڪي.

۲. اَنتَرراشٽريہ هاڪي فيڊريشَن.

۳. هاڪيءَ جي کيترَ ۾ پارَتَ جو يوگدانُ.

سُوالُ ۳ ضِد لِکو :

شِڪستَ، پَڪو، اَڳِتي، اَڄو.

سُوالُ ۴ مِثالَ مُوجِبِ لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : ڊِگهو - ڊيگهہ

ويڪرو، گهٽو، ڪيچِلو.

سُوالُ ۵ مِثالَ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اِنَ باري ۾ چيو وَيو ٿو.

اِنَ باري ۾ چئي سَگهجي ٿو.

١) هاڪي برف جي ميدان تي پڻ ڪيڏي وَجي ٿي.
٢) اِنَ بابَتِ رانديگرَن کي سيکاريو وَڃي ٿو.
٣) سَيني ڏانهن چِتاءُ ڏيڻ جوِئي تاريخون موڪليون وڃن ٿيون.
٤) مِٽِن مائِٽَن ڏانهن خط موڪليا وَڃن ٿا.

سُوالُ ٦ مثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :
مثالُ : اِها راند مُختَلِف نالَن سان کيڏ لڌا هُئا.
اِها راند مُختَلِف نالَن سان کيڏي ويندي هُئي.
١) هو پُراڻي زَماني ۾ ديسي رانديوُن کندا هُئا.
٢) هو راند جا قاعِدا مُقرَر کندا هُئا.
٣) هو ڦَڏِڙي مَلهائيندا هُئا.
٤) هو ڏيارِيءَ تي مِٺايون وِرهائيندا هُئا.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

## ٢٠. قُدِرَتَ جا نظارا

ڏِسُ قُدِرَتَ جا نوُرُ نَظارا،
جانِبَ جوڙيا نِيارا نِيارا،
سُونهَن ڀَريا سي آهِن سارا،
سَبَقُ انهَنِ کان سِکُ توُن پيارا.

سَجُ اُڀريو ٿيو دوُرِ اَنڌارو،
اُتُ سُستيءَ کان ڪَري ڪِنارو،
سُهڻي ويلَ صُبَحَ جي آئي،
لَنوَنِ پَکي ٿا لاتِ اِها ٿي.

گُلَ ٽِندَنِ تي ٿا مُشڪائين،
مُشڪي سَڀَ کي سَبَقُ سُڻائين،
گُلَنِ مَنجهان ڪو سَبَقُ پِرايو،
ڏُکَ کان ڇا لاءِ ٿا گهبِرايو.

هَوا آڳيان وَڻَ ڪَنڌُ نِمائين،
نِئُڙَتَ واري واتَ وَڻائين،
ڦوُهارو آڪاسِ چَڙهي ٿو،
هَٿَ کان هِڪَدَمِ هيٺِ ڪِري ٿو.

نَدي چَوي ٿي هَلُ، وَڏندو هَلُ،
گَندو ٿيندو آ بيِلَلُ جَلُ،
ساگَرَ جو گهرو آتَمِ بَلُ،
ڪانَ جَبَل ۾ ڪائي هَلچَلِ.

ٽِمَر-ٽِمَرِ ڪَنِ ٿا اُڀَ ۾ تارا،
سَمُجهُه سَپَنِ جا گُجها اِشارا،
ڏِسُ قُدِرَتَ جا نوُرُ نَظارا،
جانِبَ جوڙيا نيارا نيارا.

چوُنڊَ نوان لَفظ :

نوُرُ = پرَڪاشُ، روشِني ؛ اَنڌارو = اَنڌِڪارُ، اوُندَهِ ؛ ويلَ = وَقتُ، گهَڙِي ؛ ڳُجهو = لِڪَلُ، رازَ وارو ؛ جانِبُ = پيارو، پَرماتما.

## آڀياسُ

سوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) ٻَکِي اَسان کي ڪهِڙو سَبَقُ سيکارِينِ ٿا ؟

٢) گُلَن کان اَسان کي ڪهِڙو سَبَقُ سِکَڻُ گهُرجي ؟

٣) وَڻَ ۽ ٻوٽا کان اَسين ڪهِڙو سَبَقُ سِکي سَگهوُن ٿا ؟

٤) نَدي ۽ سَمُنڊُ ڪهِڙي سِکيا ڏيَن ٿا ؟

٥) اَسان کي آڪاشَ جا تارا ڪهِڙو سَنديشُ ڏِيَن ٿا ؟

سوالُ ٢ 'سُونهَن ۽ سِکيا جو خزانو - قُدرَتَ' وشيہ تي ١٥-٢٠ جُملا لِکو.

سوالُ ٣ ضِدَ لِکو :

اَنڌارو، سُستي، صُبُحُ، ڏُکُ.

✻ ✻ ✻ ✻ ✻

وزن ۾ تمام هلڪا هئڻ سبب مرڪز جي چوطرف ائين پيا چڪر لڳائين جيئن آسمان جي ڌرتي ۽ ٻيا گرهه سج جي پرڪرما پيا ڪن. وڏيڪ وزندار ائٽم ۾ هلڪي ائٽم جي ڀيٽ ۾ انهن ڪڻن جو تعداد وڏيڪ رهي ٿو. يورينيم، ريڊيم، ٿوريئم وغيره جا ائٽم وزندار ائٽم آهن. هئڊروجن جا ائٽم هلڪا آهن. هئڊروجن جي ائٽم ۾ رڳو هڪ پروٽان ۽ هڪ اليڪٽران آهي.

ڪنهن به هڪ پدارٿ جا ائٽم ٻئي پدارٿ جي ائٽمن ۾ گڏي سگهجن ٿا. ساڳيءَ ريت ٻن گڏيل پدارٿن مان ائٽم ڌار ڪري سگهجن ٿا. ان سهوليت سبب هڪ پدارٿ کي ٻئي پدارٿ ۾ مٽي سگهجي ٿو. مثال هئڊروجن ۽ آڪسيجن جي ائٽمن جي هڪ مقرر تعداد ۾ گڏجڻ سان پاڻي ٺهي سگهي ٿو.

يورينيم يا ٻئي ڪنهن به پدارٿ جي ائٽم جي مرڪز تي هڪ نيوٽران جي چوٽ سان مرڪز ٽٽي پوي ٿو ۽ ان مرڪز مان نڪتل نيوٽران ٻين ائٽمن کي ٽوڙين ٿا جنهن کي 'چين ري-ايڪشن' ڪوٺيو وڃي ٿو. ائٽمن جي ٽٽي ڦهلجڻ سان 'توانائي' يا شڪتي پيدا ٿئي ٿي جنهن کي 'ائٽمي توانائي' ڪوٺيو وڃي ٿو. ٻي ”مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آمريڪا ان قسم جي توانائيءَ جو استعمال 'ائٽم بمن' جي روپ ۾ جپان جي ناگاساڪي ۽ هيروشيما شهرن تي ڪيو هو ۽ ڏسندي ڏسندي ڪلندڙ ڪڏندڙ شهر مسآڻن ۾ مٽجي ويا!

ائين ناهي ته ائٽمي توانائيءَ جو استعمال رڳو انساني تباهيءَ لاءِ ئي ڪري سگهجي ٿو. ان اٿاهه طاقت جو استعمال انساني ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ پڻ ڪري سگهجي ٿو.

اڄ دنيا جي آباديءَ ۽ ضرورتون ايترو ته تيزيءَ سان

وڏي رهيون آهن جو ڪوئلي ۽ تيل جهڙيون توانائيءَ جون روايتي شيون گهرجن جي پورت لاءِ اَڻپوريون پييون لڳن. انهن جا ڀنڊار وڃن پيا خالي ٿيندا. اهڙيءَ حالت ۾ ائٽمي توانائي انساني ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين مدد ڪري سگهي ٿي، ڇو جو هڪ ٽن يورينيم مان حاصل ٿيندڙ توانائي هزارين ٽن ڪوئلن کان به وڌيڪ ٿئي ٿي. اڄ سائنسدان هرهڪ پدارٿ جي ائٽمن مان توانائي پيدا ڪرڻ جا اُپاءَ کوجي رهيا آهن. انَ جديد طريقي سان ٥٠٠ گرام ڪوئلي جي ٽڪر مان پيدا ٿيندڙ توانائي هڪ پاڻيءَ جي جهاز کي ساري دنيا جو چڪر لڳارائڻ لاءِ ڪافي آهي! ٥٠ گرام ڪوئلن سان ڪئي مهينا موٽر هلائي سگهبي!

ائٽمي توانائي گهڻو ڪجهه ڏيڻ جو واعدو ڪري ٿي. انَ جي استعمال سان بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ وڏا وڏا ڪارخانا هلائي سگهجن ٿا. انَ جي مدد سان ندين کي کوٽي اُنهو ڪري سگهجي ٿو، اُنهن جا رُخ مٽي سگهجن ٿا، اُنهن تي بند جوڙي سگهجن ٿا ۽ واهَ آڏي سگهجن ٿا.

انَ جو استعمال موٽرون، ريلون، جهاز ۽ هوائي جهاز هلائڻ لاءِ ڪري سگهجي ٿو.

انهن جي مدد سان مُندون مٽي سگهجن ٿيون، مينهن وسائي سگهجن ٿا ۽ وسندڙ مينهن روڪي سگهجن ٿا. ايترو ٿي نه وشال رڻن پٽن ۾ ڏنڊون کوٽي سُڪا ميدان ساوا ڪري سگهجن ٿا.

صحت جي کيتر ۾ پڻ انَ جي ڪافي مدد ملي سگهي ٿي. انَ جي مدد سان ڪئنسر جهڙين بيمارين جو علاج پڻ ڪري سگهجي ٿو.

اَسان جي مُلڪ جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڊاڪٽر ڀاڀا

# اَڀياسُ

**سُوالُ ١** سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) پَرماڻو ڇا کي ڪوٺِجي ٿو؟
٢) اَڻُوَ جي رَچنا ڪيترَنِ قِسمَنِ جي ڪڻَنِ مان ٺَهَي ٿي؟
٣) اَڻُمي توانائي ڪهڙي طَرِيقي سان پيدا ڪئي وَڃي ٿي؟
٤) اَڻُمي تَوانائي اِنساني ڀَلائيءَ لاءِ ڪهڙي نَموني اِستعمالُ ڪري سگهجي ٿي؟
٥) اَڻُمي توانائيءَ جي ڪيترَ ۾ ڀارَتَ جي وِگيانِيُنِ جو ڪهڙو يوگدانُ رَهيو آهي؟
٦) اَڻُمي توانائيءَ جي اِستعمالَ بابَتِ اَسان جي مُلڪَ جي ڪهڙي نِيتي رَهي آهي؟

**سُوالُ ٢** صَحيح يا غَلَط ٻُڌايو :

١) پَرماڻُو اِنساني اَکِيُنِ سان ڏِسي سگهجَنِ ٿا.
٢) اَڻُوَ کي ٽوڙي سگهجي ٿو.
٣) هِڪَ پَدارِٿَ مان ٻيو پَدارِٿُ ٺاهي سگهجي ٿو.
٤) نيُوٽرانَ جي ڀيٽَ ۾ اِليڪٽرانُ جا ڪڻَ وڏيڪ وَزندارُ هُوندا آهِنِ.
٥) اَڻُمي تَوانائيءَ جو اِستعمالُ رُڳو تَباهيءَ لاءِ ئي ڪري سگهجي ٿو.

**سُوالُ ٣** خالَ ڀَري جُملا پورا ڪَريو :

١) اَڻُوَ ۾ ـــــ ۽ ـــــ جو تعدادُ بَرابِر هُوندو آهي.
٢) ـــــ ۽ ـــــ جي اَڻُمَنِ جي مُقرَرُ تعدادَ سان ڀاڱي نَهي ٿو.
٣) ٻيِءَ مَهاڀاري لَڙائيءَ ۾ اميريڪا جَپان جي ـــــ ۽ ـــــ شَهرَن تي اَڻُوَ بَمَنِ سان حَملو ڪيو هو.

سُوالُ ۴ ضِدَ لِکو :

ھَلکو، ھالي، وَڏيڪ، اَمنُ.

سُوالُ ۵ مِثالَ مُوجِب جُملا ٺيري لِکو :

مِثالُ : ڪَنهِن بہ شَئِہ جي سَپِني کان سُوکيَمُ ڪَڻ
کي پَرمالُوُ ڪوليو وَڃي ٿو.
ڪَنهِن بہ شَئِہ جي سَپِني کان سُوکيَمُ ڪَڻ
کي پَرمالُوُ ڪولجي ٿو.

۱) سڪُولَن ۾ وِگيانُ پَڙهايو وَڃي ٿو.
۲) غريبَن کي ڪَپڙا مُفتُ ڏِنا وَڃن ٿا.
۳) ٽي.وِيءَ ذَريعي جَديدُ وِگيانَ جي ڄاڻَ ڏِني وَڃي ٿي.
۴) اِنساني ھُوشحاليءَ لاءِ اَنيڪَ کوجنائُون ڪَيُون وَڃن ٿيوُن.
۵) جَديدُ کوجنائُن سَبَب مالھوُ چَندَ تي موڪليا وَڃن ٿا.

سوال ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ٺيري لِکو :

مِثالُ : ھئڊروجَن ۽ آڪسيجَن جي ائٽمَن جي گَڏَڻ
سان پاڻي ٺَهي ٿو.
ھئڊروجَن ۽ آڪسيجَن جي ائٽمَن کي گَڏي
پاڻي ٺاهي سَگهجي ٿو.

۱) ائٽمي تَوانائيءَ سان موٽر ھَلي ٿي.
۲) فونَ سان دُنيا جي ھَرَ ڪُندَ ۾ سَنديشُ پَهُچي ٿو.
۳) جُدا جُدا پَدارٿَن جي گَڏَڻَ سان بيا پَدارٿَ ٺَهن ٿا.
۴) جَديدُ کوجنائُن جي مَدَدَ سان اِنساني ڀَلي جُون اَنيڪَ يوجنائُون
ٺَهن ٿيوُن.

سوال ۷ مِثالَ مُوجِب جُملا ٺيري لِکو :

مِثالُ : اَسانجي مُلڪَ اِنَ اِسرَ جا مَرڪزَ قائِمُ ڪَيا
آهِن.

آسانجي مُلڪَ دواران اِنَ قِسمَ جا مَرڪزَ قائِمُ ڪَيا ويا آهِن.

١) ڪُتنِ چَندَ تي اُپگرَهُ موڪِليو آهي.
٢) هُنَ اَسانکي مَنگل گرَهَ جي جاڻَ ڏني آهي.
٣) اَسان سَڀُ سَهوليَتوَن ڪوليَن تائِين پَهچايوَن آهِن.
٤) تو ڪامپيوٽرَ جي مَدَدَ سان ڪيترا سُوالَ حل ڪَيا آهِن.

* * * * *

# ٢٢. وَتائي فَقِيرَ جا قِصا

جيئَن بيربَلَ ۽ مُلا نَصيرُودِينَ جي عَقُلمَنديءَ ۽ حاضُرجوابيءَ جا قِصا مَشهُورُ آهِن تيئَن وَتائي فَقِيرَ جا پڻ سوين قِصا مَشهُورُ آهِن.

وَتائي جو جنمُ ١٧٦٨ع ۾ ٿيو هو. سَندَسِ جَنمِ کان ڪُجهه مَهِنا بعدِ سَندَسِ پِتا جو ديهانتُ ٿي ويو. کيس ماڻُس لاڏَ ڪوڏَ سان نِپائي وَڏو ڪيو. پرَ هوُ دُنياداريءَ کان دُورِ پَنهِنجي مَستيءَ ۾ مَستُ اَللهَ سان پيو ڳالهيُون ڪَندو هو.

ماڻُسِ هُئي سادي سُڀاوَ واري غريبُ عورَتَ. کيسِ هِڪڙو ئي سِڪيلڌو پُٽُ هو وَتايو. سو نَہ ٿي چاهيائِين تَہ سَندَسِ پُٽُ سَڄو ڏينهَن واندو ويٺو اَللهَ سان ڳالهيُون ڪَري.

هِڪڙي ڏينهَن ڪاوِڙجي چيائِينسِ، 'اَڙي وَتايا! توُن سَڄو ڏينهَن ويٺو رُڳو اَللهَ سان ڳالهيُون ڪَرين، لَڳيمِ ٿو هوُ بہ ڪو تو وانگرُ واندو هُوندو. هاڻي اُٿُ، اَڄُ وَڃي گهٽِ ۾ گهٽِ هِڪُ رُپيو ڪَمائي اَچُ. جي نَہ ڪَمائي سَگهين تَہ پَنهِنجي اَللهَ کي عَرضُ ڪَجِ تَہ اَچي مَدَدَ ڪَريئي. يادِ رَکِجِ، بِنا رُپئي گهرَ ۾ پيرُ رَکڻُ نَہ ڏينديسانءِ.'

وَتايو گهَران نِڪتو رُپيو ڪَمائڻَ. هَميشَهَ جيان هُن پَنهِنجو مَسئلو اَللهَ اَڳيان رَکيو. هَٿَ ۾ قُرانُ کڻي وَڃي هِڪَ کَجيءَ جي وَڻَ جي چوٽَ تي ويٺو. قُرانُ کولي ڪَنڌُ مَٿي آڪاسَ ڏانهُن ڪَري اَکيوُن ٻوٽي چيائِين، 'يا خُدا، جي توُن بہ وَتائي جيان غَرِيبُ آهين تَہ توکي معافُ ٿو ڪَجي، نَہ تَہ وَتائي کي هِڪڙو رُپيو ڏي.' اِهو جُملو ٽي پيرا دُهرايائي خُدا تي ڀَروسو رَکي هيٺِ لَٿو.

هيٺِ هوُ ڇا ڏِسي تَہ ڍيرُ روپيا ٽڙيا پَکڙيا پيا آهِن.

پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، 'اڙي وتايا، ڏٺئه خدا جي ڪرامت! امڙ چيو اٿيئي رپيو آڻڻ لاءِ سو ڪڻ هتان رپيو ۽ هل سڌو گهر!'

هن گهر اچي ماءُ کي سموري ڳالهه ٻڌائي. ماڻس کي وشواس ئي نه پئي آيو. سچ ڄاڻڻ لاءِ هن وڻ هيٺان وڃي ڏٺو ته واريءَ تي رپين جا نشان اچا به ظاهر لڳا پيا هئا. سندس سچ ۽ سادگيءَ تي موهت ٿي ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ورتائين.

هڪڙي دفعي وتائي جي ڳنڍ ۾ هو ٽڪو. بازار مان لنگهندي گدرن جي ڍير تي نظر پيس. پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، 'وتايا، گدرو کائيندين؟'

'چو نه!'

اڳتي وڌي گدرن واري کي چيائين، 'ادل، الله سائينءَ جي نالي تي ڪو سٺو گدرو ته کاراءِ.'

گدرن واري غصي ۽ ناراضپي وچان سوچيو، 'ڳهري ٿو خدا جي نالي ۽ کپيس سٺو گدرو.' ڍير مان ڳولهي ڦولهي جيڪو ڦِٽل ۽ ڪنو گدرو هو سو ڪڍي ڏنائين فقير کي.

وتائي کي اهو گدرو کڻي وٺيو سو ڳنڍ مان ٽڪو ڇوڙي ڇيائينس، 'ادا، هي وٺ ٽڪو، سٺو گدرو ڏي.'

هن خوش ٿي چوندي سٺو گدرو وتائي کي ڏنو.

هڪ هٿ ۾ جهليائين ڪنو گدرو ۽ ٻئي ۾ سٺو ۽ وچ سڙڪ تي بيهي ڪني گدري وارو هٿ مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاريندي چيائين، 'واهه الله! ڏس تنهنجي نالي مليل گدرو ۽ ٻئي پاسي ٽڪي وارو گدرو. ڪيڏو نه انڌير آهي هن دنيا ۾! تنهنجو ملهه ٽڪي کان به گهٽ ليکيو ٿو وڃي!'

هڪڙو هو گهورارو. سڄو ڏينهن گهور ڪري جيڪي تيئن

پنهنجو گذر ڪندو هو. هڪ دفعي هو مايوس ويٺو هو تہ سندس نظر وچي وتائي فقيرَ تي پيئي. هٿ ٻڌي اچي عرض ڪيائينس، 'دَرويش! ڏاڍو هيڻو حالُ اٿم. مُون مِسڪين تي مِهرَ ڪريو.'

'ابا آءٌ تُنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان، مِهر مالڪ کان گهُرُ!'

'دَرويش! اَهڙو ڪو ڏَنڌو ڏَسيو جَنهن ۾ بَرڪَت هُجي.'

'اَبا، لوڻَ جو ڏَنڌو ڪَر.'

هُنَ شَخص هِتان هُتان پيَسا هَٿ ڪري جيترو لُوڻُ خريدَ ڪري سگهيو، ڪَيائين. ٿوري وَقت ۾ ئي لوڻَ جو اَگهہ چوٽِ چَڙهي ويو. اَگهہَ جي چَڙهَتِ جو کيس پورو فائدو مِليو. اَهڙو تہ اَچي ڀاڳُہ وَريُس جو هُوَ وَڏو واپاري بَڻجي پيو. هاڻي سَندَس ڀالعائِڻ ڀولائِڻ جو رُخُ ۽ رَنگ ڍَنگُ بَدلِجي ويو.

هِڪ دَفعي اُهو سيٺ آسَنَ تي ويٺو هو تہ سَندَس نَظَرَ وَتائي فَقيرَ تي پيئي. کيس سَڏُ ڪندي چَيائين، 'اَڙي چَريا وَتايا، هيڏانهُن اَچُ.'

'اَبا، حُڪُم ڪَر.'

'چَريا فَقيرَ، ڏي صَلاحَ ڪو سَودو خَريدَڻَ جي.'

'بَصَرَنِ جو ڏَنڌو ڪَر.'

شاهُوڪارَ نہ فَقطِ پَنهنجي سَمُوري مُوڙِي پَرَ هِتان هُتان قَرضُ کَڻي بَصَرَنِ ۾ سيڙايائين. اَچي اَهڙِي بَرساتِ پَئي جو گوٺَ ۾ ٻوڏِ اَچي ويئي. ٿورَنِ ڏِينهَن ۾ ئي بَصَرن مان بانَس اَچڻَ لَڳِي. سو ڪَڏي ڳوٺَ ٻاهِر اُڇلائِڻا پيَس.

هُنَ روئَندي اَچي وَتائي کي چَيو، 'دَرويش، توهان اَهڙِي ڏَنڌي جي صَلاحَ ڏِني جَنهِن مان سُڃو ٿي وِيُس. هاڻي تَہ مان مانيءَ کان بہ مُحتاجُ آهيان.'

٣) وَتائي رُپيو ڪيئن حاصِلُ ڪيو؟
٤) وَتائي ماءُ پُٽَ تي خُوش ڇو ٿي؟
٥) گِدرَن واري وَتائي کي ڪِنو گِدرو ڇو ڏِنو؟
٦) گهوراڙوءَ کي وَتائي ٻهريون دَفعو ڪِهڙو ڏنڊو ڪرڻ جي صَلاحَ ڏِني؟ اُن مان کيسِ فائدو ٿيو يا نہ؟

سُوالُ ٢ حوالا ڏيئي سَمجهايو :

١. جِهَن دُنيا ۾ تُنهِنجو مُلهُہ نَڪي ڪان بہ گهَٽِ ليکيو ٿو وَڃي.'
٢. دَرويشَ جي آسِيسَ ۽ ڇَرٽي جي صَلاحَ ۾ فَرقُ تہ هُوندو نہ ا!'

سُوالُ ٣ صَحيح يا غَلَط لِکو :

١. وَتايو سَدائين دُنياداريءَ جي ڳالهيُنِ ۾ رُڌَلُ هُوندو هو.
٢. وَتائي ماءُ سادي سُڀاءَ واري هُئي.
٣. وَتايو ڪَچيءَ هيٺان پيَلَ سَپُ رُپيا ميڙي کَٽي آيو.
٤. گِدرَن واري وَتائي کي مالِڪَ جي نالي تي سُٺو گِدرو ڏِنو.
٥. واپاريءَ لُوڻَ جي ڏَنڌي ۾ ڏاڍو ڪمايو.
٦. واپاريءَ بَصَرَنِ جي ڏَنڌي ۾ ڏاڍو ڪمايو.

سُوالُ ٤ بيربَل يا ٻئي ڪَنهن شَخصَ جي عَقلمَنديءَ جو ڪو ننڍو قِصو پَنهِنجي لَفظَن ۾ لِکو.

سُوالُ ٥ ضد لکو :

عقلمندي، ڪِنو، ناراض، بانس، سُڃو.

سُوالُ ٦ جُملن ۾ استعمال ڪريو :

اکيون چوٽ چڙهڻ، ياڳ وراڻڻ، هيٺو حال ٿيڻ.

سُوالُ ٥ مِثالَنِ موجب لفظ ڦيري لکو :

مِثالُ : گِدِرو - گِدِرَنِ وارو

ڪيلو، ياجي، ميوو، چوڙي.

مِثالُ : چَڙهَڻُ - چَڙهت

ڪَپَڻُ، هلَڻُ، بَچَڻُ، اُٿَڻُ.

سُوالُ ٦ مِثالَنِ موجِبِ ضميري پَڇاڙيوُن هٽائي ضميري لفظ اِستعمالُ ڪَري جُملا وَري لِکو :

مِثالُ : هِڪِڙي ڏِينهَن ڪاوِڙجي چِيائِينس.

هِڪِڙي ڏِينهَن هُن هُنَ کي ڪاوِڙجي چيو.

١. تَپائي وَڏو ڪيومانءِ.

٢. اِهو قَصو ٻُڌايائِينم.

٣. سَموري ڳالهه سَمُجهاياڻُونس.

٤. ڪِنو گِدِرو ڏِناٿِينس.

٥. پوُرا پيَسا ورتئِين.

مِثالُ : گهَرَ ۾ پيرُ رَکَڻُ نه ڏِينديسانءِ.

مان توکي گهَرَ ۾ پيرُ رَکَڻُ نَہ ڏِيندَسِ.

١. مَزيدارُ آکاڻِي لِکائِينديسانِ.

٢. اِنهَن قِصَن جو تَرجُمو ڪَري ڏِيکارِينداسونوَ.

٣. سانجهيءَ تائين رُپيو ضرُور آڻي ڏِيندوسانسِ.

٤. گهَڻا قِصا ٻُڌائِيندُمِ.

٥. بازار ويندِينس چا ؟

٦. وَڏو ٿي ڪمائي کارائِيندوسانسِ.

* * * * *

مَهيشُ : پَرَ اَڄُڪلهہ ماڻهو سينيمائُنِ ۾ وَڃي فِلمُونِ ڏِسَڻَ بدِران گهرِ ٽيليوِزَنِ تي فِلمُون ۽ پروگرامَ ڏِسَڻ وَڌيڪ پَسَندِ ڪَنِ ٿا. اِنَ ڪري نَنڍي بَجيٽَ جُون سِنڌي ٽيلي فِلمُون ناهي سَگهجَنِ ٿيُون.

سُنِيلُ : ها بَرابَر، اِن ڏِسَ ۾ گهڻو ڪُجُهہ ڪري سَگهجي ٿو.

چُونڊَ نَوان لَفظَ :

پَرچَمَ = پَتاڪا، جهنڊي جو ڪپڙو؛ پَس مَنظِرَ = پهريون حَوالو يا واقعو؛ تُزُ = بِلڪُلُ صَحيح؛ مانائي = مَندي؛ جوکو = خَطِرو؛ مُنافعو = ڪمائي؛ لاڳَتِ = سيڙَپَ، لڳايل رَقَمَ.

## اَبياسُ

سُوالُ ۱ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

۱) سِنڌيءَ ۾ مُکيہ ڪهڙيُون فِلمُون ٺهيُون آهِنِ ؟
۲) اَباڻا جو مُکيہ مَقصَدُ ڪهڙو آهي ؟
۳) اَباڻا فِلمَ جي ڪاميابيءَ جو ڪهڙو رازُ آهي ؟
۴) ڀارَتَ ۾ سِنڌي فِلمُون ڇو نہ ٿيُون ٺهَنِ ؟ اِنَ ڏِسَ ۾ ڇا ڪَرَڻُ گهُرجي ؟

سُوالُ ۲ ’اَباڻا‘ فِلمَ بابَتِ گهُربَلَ ڄاڻَ لِکو :

فِلمَ جو نالو : اَباڻا
اَداڪارَ :
سَنگيتڪارَ :
گيتڪارُ :

ڊائلاگ لِکندڙ :

نِرمانا :

هِدايتڪارُ :

سُوالُ ٣ ضِدَ لِکو : پُراڻو، صَحِيح، پُنيان، نَفعو.

سُوالُ ٤ مِثالَن مُوجِبِ ليڪَ ڏِنَلَ ڪرِيا رُوپَنِ ۾ ڦيرو آڻي خالَ ڀَري جُملا پُورا ڪَريو :

مِثالُ : هو اِها فِلمَ ڏِسَندا آهِنِ ۽ ٻِيَنِ کي بہ ڏيکارِيندا آهِنِ.

١. اِهو سَبَقُ پَڙهِين مان پاڻَ لِکَندُسِ پوءِ توکي ——.

٢. ڳُنَن چانهِہ پِيتي ۽ آسان کي بہ ——.

٣. تو پاڻَ تہ پيَسا ڪونہ ڀَريا پوءِ ٻِيَنِ کان ڇو ——.

٤. توهِين اِهو ڪَمُ نہ ٿا ڪَري سَگهو تہ ٻِئي کان —— ڏيو.

سُوالُ ٥ مِثالَن مُوجِبِ ليڪَ ڏِنَلَ رُوپَنِ ۾ ڦيرو آڻي خال ڀَري جُملا پوُرا ڪَريو :

مِثالُ : آباڻا جي ڪَهاڻي دِلِ کي ڇُهي ٿِي.

دِلِ کي ڇُهندڙَ ڪَهاڻِي ئِي فِلمَ جي ڪاميابِيءَ جو رازُ آهي.

١. ٻارَ ڏاڍو کلي ٿو. —— ٻارُ سَڀِني کي وڻي ٿو.

٢. هُوءَ ڇوڪِري راڳُ ڳائي ٿي. —— ڇوڪري باجو بہ وڄائي ٿي.

٣. ڳالُون تَمام گهڻو ڳالهائِين پِيئُون. گهڻو —— زالُنِ جي ڳالهِہ سَمجهَہ ۾ ئي نہ ٿي اَچي.

٤. ڪُنوارِ ٻيءُ هِتان هُتان پيَسا آڻي ڏئي ٿو. —— شَخصَ

کي ٿي خَبَرَ تہ خَرچُ ڇا ٿِيندو آهي.

۵. گوڙُ ٻُڌي ماڻهوُ پَنهنجي ڪُرسيُنِ تان اُٿَنِ ٿا. ـــــ ماڻهُنِ کي هوُ وِهاري ٿو.

* * * * *

سُوالُ ۴ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪريو :

سَدُ اوناٺِيُون، موَجَ ماڻُون، پَنهنجي پيرَنِ تي بيهڻُ، ٻانهن ٻيلي ٿيڻُ.

سُوالُ ۵ مِثالَ موُجِبَ لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : گَندو - گَندگي

سادو، آسُودو، بَندو، رَوانو، ناراضُ.

سُوالُ ٦ مِثالَ موُجِبَ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : تَوهان قُدرَتَ جي نعمَتُنِ کان ڪَٽجي ويا آهِيو.

تَوهين قُدِرَتَ جي نعمَتُنِ کان ڪَٽجَندا پيا وَيو.

١) ڳوٺَنِ ۾ خُوشحالي وَڌي ويئي آهي.

٢) زَمانو تيزيءَ سان بَدِلجي ويو آهي.

٣) شاديءَ جي حالَ ۾ ماڻهوُ اَچي ويا آهِن.

۴) هُنَ دُڪانَ مان سِنڌي ڪئسيٽُون خريديُون ويُون آهِن.

سُوالُ ۷ مَثالَ مَوجِبَ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : شَهرَنِ جي کِهڙي حالتِ ٻڌائي ڇڏي اَٿوَ ؟

تَوهان شهرن جي ڪِهڙي حالتِ ٻڌائي ڇڏي آهي ؟

١) ٻلوُنءَ ۾ ڇا لِڪائي رکيو آٿيئي ؟

٢) هُنَ ڏانهن سِنڌي ڪتابُ موڪِليو اٿم.

٣) ڪِتابنِ جا پَئسا ڀَريا اَٿوَ يا نہ ؟

۴) سِنڌُونگَرَ مان ڳهڻا سِبيَلَ ڪپڙا خَريد ڪيا اَٿئُون ؟

۵) سَندَس جَنمَ ڏينهن تي ريشمي ساڙهي ڏِني اٿَس.

٦) ٻارَنِ لاءِ سُهڻا رانديڪا وَرتا اٿَن.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

# ٢٥. مان آهيان سنڌو...

مان آهيان سِنڌو. اُها پوترُ نَدي جَنهن کي سَڀ کان وَڏيڪ مانُ مليو آهي. مُنهنجي ڪناري تي ئي سَڀ کان پهرين انساني سَڀيتا جو سِجُ اُڀريو، مُنهنجي ڪنڌي تي ئي ويدَ رَچيا ويا، مون مان ئي ساکياتُ پَرگهٽ ٿيو وروڻُ ديوتا اُڏيرولالُ جَنهن مَذهَبي تعصُب کان دُور رَهي اِنساني مَحَبَت جو مَنترُ ڏنو. مون مان ئي لفظ نَهيا هِندُ ۽ هِندوُ... !!

سَهَسين وَرهين کان مُونکي پُوڄيو پيو وَڃي. مُنهنجو سيتَلُ ۽ پاوَنُ جَلُ ماتا جي ٿڃُ جيان پوترُ پاڪ مڃيو پيو وَڃي. مُنهنجي ڪنڌي تي اَچي هَرڪو صَبرَ ۽ شُڪرَ جو اِظهارُ پيو ڪري. پَنهنجي اَندرَ ۾ جهاتي پائي اَلَکَ کي پيو پَسي.

مُنهنجو جَنمُ مانسَرورَ مان ٿيو آهي. اِها ڍَندَ ٿبيتَ جي اولهه پاسي ۾ ڪيلاسَ پَربَت جي اُترَ اوڀرَ ۾ آهي. اَسان جي پُراڻن ۾ ڪيلاسَ پَربَت جي وَڏي مَهما آهي. ڀڳوانَ شِوَ جو آستانُ آهي ڪيلاسَ پَربَتُ. اِنَ ڪري ئي مونکي ايترو پوترُ مَڃيو وَڃي ٿو. مان هُتان نڪري هِڪَ چَنچَلُ بالڪا جيان نَچَندي ٽَپَندي اَچي مَيدانَ ۾ پَهچان ٿي. اُتي جهيلَم، چناب، راوي، سَتلَجَ ۽ بياسَ وَغيرَهَ نَديون گَڏجي مون ۾ سَمائجي مُونکي وَسيع، اُونهون ۽ گنڀيرُ بَڻائي ڇڏين ٿيون. اَڄوڪي ڀُوگولي نَظرئي کان ڏسجي ته مان ٿبيتَ کان ڪشميرَ، اُترَ اولهه سَرحَدي صُوبي، پَنجابَ ۽ سِنڌ جو ٢٨٨٠ ڪ.م. لَنبو سَفرُ طئه ڪري وَڃي عَربي سَمُندَ ۾ سَمائجان ٿي.

مان سِنڌُ جا پراڻَ آهيان. سَندَس گَلي جو هارُ آهيان. سَڄيءَ سِنڌُ جي وِچَ مان وَهان ٿي. سِنڌُ ۾ سَڄي سالَ ۾

ڪُلُ پَنجَ ڇهَ اِنچَ بَرساتِ مَسَ پَوي، سو سِنڌُ جي آباديءَ ۽ خُوشحاليءَ جي سَموُري جوابداري مُون تي ئي اَچيو پَوي. کيتي، چوپايو مالُ ۽ واپارُ سڀُ مُنهنجي ٻَلَ تي پيو هلي. مُنهنجي واهِنِ ۽ ڪانَنِ ذَريعي غيَرآبادُ زَمِينَ بہ آبادُ ٿيو پَوي. سِنڌُ جي پوري سَدائِين سَبزُ پيئي نَظرِ اَچي. مان ماءُ جيان پيئي پاليان پنهِنجي ٻَچڙَنِ کي. مُنهنجا ٻالَڪَ پڻ مُونکي ڏاڍو مانُ ڏِيَنِ ٿا. هِندوُ توڙي مومِنَ مُون کي مَڃِينِ ٿا. ڦُليلي، ساڌبيلو ۽ زِندَهَ پيِرُ وَغيرہ اِنَ جا ئي تَہ مِثالَ آهِنِ.

مُنهِنجي ڪَنهي تي ڪَراچي، حَيدرآباد، سيوَهُڻ، سَکرُ، ڪوٽڙي ۽ روُهڙي وَغيرہَ واپاري مَرڪزَ ۽ سُندَرُ شَهَرَ آهِنِ.

اِئِين نَہ سَمُجهو تہ مُون ڏُکَ ڪونَہ ڏِٺا آهِن. مان صَديُنِ کان قُدرَتي قَهَرَن، ڪاهُنِ ۽ حادِثَنِ جي گَواهُہ رَهي آهيان. ڪيتِريئُون ئي لاهيُون چاڙهيُون ڏِٺيون اٿمِ ۽ گهڻو ڪُجهہ سَٺو اٿمِ. اِنَ ڪري ئِي تَہ ڪَڏِهن ڪَڏِهن مُنهِنجي بي چيَني وَڌِي ويندي آهي ۽ اَندرَ ۾ آنِڌ مانڌِ مَچي ويندي آهي جا شاهي سيَلابَ جي روپَ ۾ ڦُٽِي نِڪرَندِي آهي جا مُونکي پاسا مَٽائِڻَ لاءِ مَجبوُرُ ڪَندي آهي. پوءِ تَہ بَس مان پَنهِنجي تِڪَہ ۾ سَڀُ ڪُجُهہ وَهائي ڪٺي ويندي آهيان.

ڇا ماتا پَنهِنجي ٻَچڙَنِ کي ڏُکي ڏِسي سَگهَندي؟ مُورُ نَہ! هوءِ تَہ سَدائِين سَڄي عالَمَ کي آبادُ رَکَڻَ جي سائِينءَ دَرِ وينِتي ڪَندي آهي. مان بہ تَہ ماتا آهيان نَہ! ٻَچڙا ماتا جي ويجهو هُجَنِ يا دُور، هوُ سدائِينِ سَندسِ هِردي ۾ سَمايَلَ. اِنَ ڪري ئِي تَہ هوُ مُون ۾ ويساهُ رَکَن ٿا، مُونکي مَڃِينِ ٿا. مان بہ هُنَنِ بِنا رَهي نَٿي سَگهان، آخِر ماتا جو آهيان!

سُوالُ ۴ ضِدَ لِکو :

چَنَچَلُ، آبادُ، سَبزُ، ڏکُ، ويجهو، پالڪُ.

سُوالُ ۵ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪَريو :

جهاتي پائڻُ، مانُ ڏيڻُ، لاهيوُن چاڙهيوُن، آنڊَ مانڊَ.

سُوالُ ٦ مِثالُ موُجِبُ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَنِ مُنهنجي ڪَنني تي ويڏ رَچيا.

مُنهنجي ڪَنني تي ويڏ رَچيا ويا.

١) هُنَنِ اسان جوُن ٽِڪيٽوُن ڪَڍايوُن.

٢) هُنَنِ توهان جو ڪِتابُ موڪِليو.

٣) هُنَنِ مُنهنجي کاتي ۾ پيَسا جَمع ڪَرايا.

۴) هُنَنِ سَيني کي مِٺائي کارائي.

سُوالُ ٧ مِثالُ موُجِبُ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ماڻهُنِ دواران مُونکي پوڇيو وَيو پيو.

ماڻهوُ مونکي پوُڇِين پيا.

١) ٻارنِ دواران راندِ ڪِئي پئي وَڃي.

٢) ماسترَ دواران سَبق لکيو پيو وَڃي.

٣) موهِنيءَ دواران خَط موڪليا وَڃِن پيا.

۴) زالُنَ دواران اَنيڪ گهرو هُنَرَ هَلايا وَڃَنِ پيا.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

# ٢٦. سِنڌيءَ جو سِرمورُ - شاهُ لَطيفُ

سِنڌي شاعِرَنِ ۾ شاهَ لَطيف جو نالو سَڀَ کان وَڏيڪَ سِڪَ ۽ صَداقَتَ سان کَنيو وَڃي ٿو. کيس سِنڌيءَ جو سِرمورُ شاعِرُ ڪوٺيو وَڃي ٿو. سَندَسِ شعرُ دُنيا جي اعليٰ دَرجي جي شِعرَ سان بَرُ ميچي سَگھي ٿو.

شاهَ لَطيفَ جو جَنَمُ سَنہ ١٦٨٩ع حيدرآباد (سِنڌ) ضِلعي جي هالا تعلقي جي هالا حَويلي ڳوٺَ ۾ ٿيو هو. هوُ شاهَ حَبيب جو پُٽ ۽ سِنڌيءَ جي مَشهُور شاعِرَ شاهَ ڪَريم جو تڙَپوٽو هو.

شاهَ لَطيفُ ڪِٿي ۽ ڇا پَڙهيو؟ اِنَ بابَتِ پَروَسي جوڳو اَحوالُ نَٿو مِلي. چَوَنِ ٿا تہ هُنَ 'اَلفُ' جي اُچارَ بعدِ 'ب' چَوَڻَ کان صافُ اِنڪارُ ڪيو، تَڏِهن تہ هُنَ پاڻَ چَيو آهي :

> 'اَکَرُ پَڙهُ اَلفَ جو وَرقَ سَڀ وِسارِ.
> اَندَرُ توُن اُجارِ، پَنا پَڙهَندين ڪيترا؟

ڪِنِ جو وَري اِهو رايو آهي تہ هُنَ کي پَڙهَڻَ لِکَڻَ ايندو هو ۽ هوُ وَڏو عالِمُ هو. ڪُجهہ بِہ هُجي، پَرِ هُنَ دَستوري عِلمُ حاصِلُ ڪيو هُجي يا نَہ، پَرَ اِهو سَچُ آهي تہ ڪَبيرَ وانگُرُ هُنَ پاڻَ پَنهِنجي آزمُودَنِ مان گهڻو ڪُجهہ پرايو هو. جَڏِهن هو ويهَنِ وَرهِيَنِ جو مَس هو تَڏِهن مائِٽَنِ کان بنا موڪلائي جهنگہ مُنهُن ڏيئي هَليو ويو. پوُرا ٽي سال هُنَ ساڌُنِ، سَنتَنِ ۽ فَقيرَن جي سَنگہ ۾ گُذاريا. هُنَنِ سان گَڏُ وَڃي مَندَرَن ۽ مَسيتُنِ ۾ زِيارتوُن ڪيائِين. اِنَ ڳالهہ جو سَندَسِ سُڀاوَ ۽ شِعرَ تي گهِرو اَثرُ پيو. هوُ مَذهَبي ڳالهِيُنِ بابَتِ آزاد خيالُ شَخصُ هو. سَندَسِ دِلِ ۾ ذَرو بِہ مَذهَبي ڪَٽرپڻو ڪونَ هو.

سَندَسِ هِردو اِنسانَ ذاتِ لاءِ قُربَ ۽ صَداقتَ سان پُر هو. رَتَنَ دورانِ هُنَ قدرتَ جي سُونهَن جو جيڪو جمال پَسيو تَنهِن جو مَنَ موهيندڙ بيان هُنَ پَنهنجي شِعرَ ۾ ڪيو آهي.

شاهُ هِڪُ سَچو صُوفي دَرويشُ هو. سَندَسِ گهُرجُون تَمامُ گهٽِ هُيُون. هوُ سادو کائيندو هو ۽ سادو پَهرِيندو هو. هو ويرَ ورِوڌَ کان پَري سانتيڪي سُڀاوَ وارو شَخصُ هو. جهڙو هو پاڻَ پلارو ۽ باجهارو تَهڙي هُئي نِهَني ۽ نِماڻي سَندَسِ بيوي سَئيدا بيگَم. کين اوَلادُ ڪونہ هو پَرَ هُنَنِ کي پَنهنجا مُرِيدُ ئي اوَلادَ جِيان پيارا هُئا.

شاهُ پَنهِنجي مُرِيدَنِ سان ڏاڍو سِڪَ پَريو وَرتاءُ ڪَندو هو. چَوَنِ ٿا سَندَسِ هِڪُ مُرِيدُ هَر سالِ زِيارَتَ لاءِ ايندو هو. هَميشَهَ هو پاڻَ سان شاهَ صاحِبَ لاءِ نَذِراني طورَ هِڪُ ڪَٽو ڪَٽي ايندو هو. هِڪَ ڀيري تَنگائيءَ سَبَبِ هوُ ڪَٽو نہ ڳِنهي سَگهيو. سوچيائين بِنا نَذِراني ڪيئَن وَڃان. سو هوُ شاهَ صاحِبَ وَٽِ ڪونہ ويو. ٻئي سالِ جَڏهِن هوُ وَٽِسِ ڪَٽو ڪَٽي آيو تہ شاهَ صاحِبَ پُڇيُسِ، 'پَرُ ڇو نہ مُنهُن ڏيکاريُئہ؟' مُرِيدَ عَرضُ ڪَيو، 'پَرُ سائين جَنِ لاءِ ڪَٽو ڳِنهي نَہ سَگهيُسِ. سوچيُمِ هَٿين سَکڻو ڪيئَن وَڃان.' اِنَ تي شاهَ صاحِبَ فرمايو، 'اُهو ڪَٽو ئي گهوريو جو دوستَ کي دوستَ کان سِڪائي.'

شاهَ جي دِلِ ۾ سَندُ ۽ سِندِي ٻوليءَ لاءِ بيحَدِ پيارُ هو. هُنَ جيڪو شعرُ چَيو آهي تَنهِن جو آڌارُ آهي سِندُ جُون مَشهُورُ لوڪَ ڪٿائُون سَسُئِي پُنهُون، عُمَرُ مارُئِي، سُهڻي ميهارُ، مُومَلَ راڻو، نُورِي جامُ تَماچِي ۽ دودو چَنيسَرُ وَغيرَهَ. هُنَ اِنهَنِ لوڪَ ڪٿائُنِ کي پَنهنجي ڪَلپَنا جو پارَسُ ڇُهائي اَمولڪَ ۽ اَمَرُ بَڻائي ڇڏيو آهي. سَندَسِ شِعرَ ۾ رُوحاني رازُ سَمايَلُ آهي. سَندَسِ سُورمِيُنِ ۽ سُورمَنِ جي ڏارَ ڏارَ ويسَنِ ۾ آتما ۽ پَرماتما

جو ڀاڱو سمايل آهي.

سندس شعر جي ٻي اهم ڳالهه اها آهي تہ اهو ڀارتي راڳ راڳڻين تي ٻڌل آهي، چند پڻ ڀارتي آهن. شاهہ پنهنجي شعر ۾ وطن پرستيءَ جا نهايت سٺا خيال پيش ڪيا آهن. هو نہ رڳو سنڌ پر ساري سنسار کي سدائين سکي رکڻ جي سائينءَ در وينتي ٿو ڪري :

سائينم ! سدائين ڪرين سنڌ متي سڪار،
دوس ! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

راڳہ شاهہ جي جيءَ جو جياپو هو. هو چوندو هو تہ منهنجي دل ۾ الاهي محبت جو درخت آهي جو راڳ بنا سڪيو وڃي. راڳ راڳڻين جي کيس پوري ڄاڻ هئي. هو ڳائڻ وديا ۾ پڻ ماهر هو. خدائي مستيءَ ۾ اچي جڏهن هو ڳائيندو هو تڏهن هن جا مريد سندس شعر قلمبند ڪندا ويندا هئا. عالمن سندس شعر لوڪ ڪٿائن ۽ راڳن جي آڌار تي ڪٺو ڪري 'شاهہ جو رسالو' ۾ پيش ڪيو آهي.

سنڌيءَ جي هن لاثاني شاعر سنہ ١٧٥٧ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، پر سندس شعر کيس امر بڻائي ڇڏيو. سندس شعر اسان جي من کي موهي ٿو ۽ آتما کي آنند پهچائي ٿو.

چوند نوان لفظ ۽ اصطلاح :

لفظ : سرمور = بهترين، سيني کان شريشٽ ؛ صداقت = سچائي، سچي آستا ؛ تڙپوڻو = پوڻي جو پوڻو ؛ آزمودو = انڀَو ؛ پرائڻ = حاصل ڪرڻ ؛ ورق = پنو ؛ سنگہ = ساٿ، سنگت ؛ زيارت = ڌرمي آستان جي ياترا، تيرٿ ياترا ؛ قرب = سڪ، پريم ؛ پُر = پورو ڀريل ؛ جمال = سونهن، سُندرتا ؛

سوالُ ٣ ڏنل اِشارن جي آڌار تي سنڌيءَ جي مشهور شاعر ساميءَ بابت لکو :

| | |
|---|---|
| شاعر جو نالو | : چئنراء |
| پِتا جو نالو | : ٻچومل |
| جنمُ | : سن ١٧٤٣ع، شڪارپور سنڌ. |
| ديهانت | : سن ١٨٥٠ع. |
| گروءَ جو نالو | : سوامي ميگهراجُ. |
| گروءَ جو اثرُ | : تمامُ گهڻو، سمورو شعرُ ’سامي‘ يا ’مينگهو‘ نالي سان رچيلُ. |
| شاعر جو سڀاءُ | : سنت پُرشُ، ساديءَ جي مورت، اوچ خيالُ. |
| سلوڪ لکڻ جو طريقو ۽ خيالُ | : سلوڪ گُرمکيءَ ۾ چٺڪين تي لکي مٽ ۾ وجهڻ، بعد عالمن دواران سوڌي ساميءَ جا سلوڪ نالي سان ڇپائڻ، نرگُڻ ڌارا جو مکيہ شاعر، ويدن جي واڻي، سوليءَ سنڌيءَ ۾، اٽڪل ٽي هزار سلوڪ، آتما پرماتما، مايا، گرو ۽ گيان مکيہ وشيه، ٻولي مِني سولي ۽ پُراثر. |

سوالُ ٤ ضد لکو :

ويرُ، شڪار، سادو، سُڪو.

سوالُ ٥ جُملن ۾ استعمال ڪريو :

قلمبند ڪرڻ، جهان مان لاڏاڻو ڪرڻ.

سوالُ ٦ مِثالَ موجب لفظ جوڙيو :

مثالُ : ثاني - لاثاني

علاجُ، جوابُ، وارثُ.

سُوالُ ٧ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثال : هُنَ لوڪ ڪَتائُنِ کي اَمرُ بَٽايو.

هُنَ لوڪ ڪَتائُنِ کي اَمرَ بٽائي ڇڏيو آهي

١) آسان سَيني وَقت تي پيَسا ڀَريا.

٢) مينا گَهر جو ڪمُ پورو ڪيو.

٣) ڪيترَنِ ماڻهُن جَڻَ پَنهِنجي ٻولي وِساري.

٤) مُون ڪيسِ چَڱيءَ طرح ڳالِهه سَمُجهائي.

سُوالُ ٨ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هوُ سِنڌُ ۽ ساري سَنسارَ کي سُکي رَکَڻ جي وينتي ڪَري ٿو.

هوُ نَہ رُڳو سِنڌُ پَرَ ساري سَنسار کي سُکي رَکَڻَ جي وينتي ڪَري ٿو.

١) هو اَميرَنِ ۽ غريبَنِ سان سُٺو وَهنوارُ ڪَري ٿو.

٢) آسين مُلڪَ جي شَهرَنِ ۽ ڳوٺَنِ جي خُوشحالي چاهيوُن ٿا.

٣) هِنَ سڪُولَ ۾ هِندي ۽ سِنڌي ٻوليوُن سيکاريندا آهِن.

٤) هوءَ تَمامُ سُٺو ڳائي ۽ نَچي سَگهي ٿي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

# ٢٧. ڪامپيوٽر يُگ

گُذريلَ ٻنِ ٽنِ ڏهاڪنِ ۾ اليڪٽرانڪ کيترَ ۾ انقلابي تبديلَ آئي آهي. اِنَ کيترَ جي اَهمَ دينِ آهي ڪامپيوٽرُ.

’ڪامپيوٽ‘ جي اَکري معنيٰ آهي ڳڻپ. ڪامپيوٽرَ جو مَطلبُ آهي ’ڳڻپَ جي مَشينَ.‘ اَسان جي آڳُريُنِ کي سڀ کان ’قَديمُ ڪامپيوٽرُ‘ ڪوني سَگهجي ٿو.

جَديدُ ڪامپيوٽرَ ۾ اليڪٽرانڪ طريقي سان يادداشتَ داخِلُ ڪئي وَڃي ٿي جنهِن کي ’ڊيٽا فيڊنگ‘ يا پروگرامنگ ڪوٺجي ٿو. ڪامپيوٽرُ ڳڻپَ جي آڌارَ تي ’پروسيس‘ ڪَري ٿو. آپريٽرُ اِها جاڻَ حاصِلُ ڪَري گهُربَلَ رُوپَ ۾ پيش ڪَري ٿو.

ڪَنهن بہ ڪامپيوٽرَ جي قِسمَ ۽ قُوتَ جو دارومَدارُ اُنَ ۾ داخِلُ ڪَيلَ جاڻَ تي ئي ٽڪي ٿو. جيئَن روزمَرّهَ جي حِسابُ ڪِتابَ لاءِ جوڙَ، ڪَٽَ، وَنڊَ ۽ ضَربَ وَغيرهَ ڪَرڻَ ايندڙ ’ڪئلڪيوليٽرُ‘ سادو ڪامپيوٽرُ ئي آهي، ۽ وَڏنِ وَڏنِ ڪارخانَنِ وَغيرهَ ۾ اوکا ۽ جوکائتا ڪَمَ سَولائيءَ سان ڪَرڻَ وارو ’روبو‘ اعليٰ دَرجي جو ڪامپيوٽرُ آهي.

پهرين ڪامپيوٽرَ جو آڪارُ ايڏو تہ وَڏو هوندو هو جو اُهو هِڪُ وَڏو ڪِمرو والاري ڇَڏيندو هو. پَرَ اَڄُ اليڪٽرانڪ کيترَ ۾ ٿِيَلَ جَديدُ کوجنائُنِ جي مَدَدَ سان ننڍيوُن ’چِپس‘ تيار ڪَرڻَ سَبَبِ اِنَ جو آڪارُ تَمامُ ننڍو ٿي ويو آهي. اِنَ سان ڪامپيوٽرَ جي يادداشتَ ۽ ڪَمُ ڪَرڻَ جيِ قُوتَ ۾ پڻ ڪافي اِضافو ٿي ويو آهي.

اَڄُ جَديدُ اِنساني زِندگيءَ جي هَرَ ننڍي وَڏي کيترَ ۾ ڪامپيوٽرَ جو اِستعمالُ ٿيو پيو وَڃي. اِنَ ڪَري اَجوڪي ’يُگَ‘ کي ’ڪامپيوٽرَ يُگَ‘ ڪوني سَگهجي ٿو. اَڄُ کيترا ئي نامُمڪِنُ

حِسابَ ڪَيا پيا وَڃِن. گهرَ ۾ رَڌَڻَ پَچائِڻَ، ڪَپڙا ڌوئَڻَ ۽ پيا ڪيترائي ڪَمَ جَلدُ ۽ صَحيح نَمُوني ڪَرَڻَ لاءِ ڪامپيُوٽَرَ جي مَدَدَ وَرتي پيئي وَڃي. اَڄُ سينيما، ٽي.وي.، ويڊيو، گيت، سَنگيتَ، وِندُرَ جي هَرَ کيترَ ۾ ڪامپيُوٽَرُ مَدَدَ ڪَرَڻَ لاءِ تيارُ آهي. شُروُعاتي پَڙهَڻَ پَڙهائِڻَ جي ڪَمَ کان وَٺي اوچُ ٽڪنيڪي تعليمَ جو اَهَمُ وسيلو بَڻجي رَهيو آهي ڪامپيُوٽَرُ. گاڏيُون، هوائي جَهازَ، پاڻيءَ جا جَهازَ وغيرَه تيزُ رَفتارَ ۽ پوُريءَ سَلامَتيءَ سان هَلائِڻَ لاءِ اِهو مَدَدگارُ بَڻجي رَهيو آهي. اِنَ جي مَدَدَ سان بيمارِيُن جي جَڪاسَ ۽ عِلاجُ ڪيو پيو وَڃي. اِنَ جي مَدَدَ سان ئي راڪيٽَ هَلائِجَن ٿا، اُپَگرَهَ موڪِلِجَن ٿا ۽ اَنيڪَ آڪاسي کوجِنائوُن ڪَيون وَڃِن ٿيوُن.

ڪِنِ کي اَچي ڊَپَ وَرايو آهي تَہ اَڳتي هَلي اِئين نَہ ٿِئي تَہ اِنسانُ ڪامپيُوٽَرَ جي اِشارَنِ جو غُلامُ بَڻجي وَڃي. پَرَ اِهو ڊَپُ بي بُنيادُ آهي. ڪَهڙو بہ ڪامپيُوٽَرُ هُجي اُنَ کي هَلائِڻَ لاءِ تَہ اِنسانُ ئي کَپي. دَراَصَلِ اِهو تَہ آهي 'عَلاوالدِين جو چِراغُ'، مالِڪَ جي حُڪُمَ جو بَندو جو سَندَسِ اِشاري تي هَر ڪَمُ ڪَرَڻَ لاءِ حاضُرُ آهي.

**چوُنڊ نَوان لَفظَ :**

اَکرِي معنيٰ = بُنياديِ يا مُولُ معنيٰ ؛ قُوَتَ = طاقَتَ، شَڪتي ؛ دارومَدارُ = آڌارُ ؛ اوَکو = ڏُکيو، مُشڪِلُ ؛ جوکائِتو = جوکَمُ پَريو، خَطِري وارو ؛ اِضافو = واڌِ ؛ ايجادُ = کوجِنا ؛ جَڪاسَ = جاچَ ؛ بَندو = شيوَڪَ، داسُ.

## آڀياس

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَواب لِکو :

١) ڪامپيُوٽَرَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ اِهو ڪَهِڙي نَمُوني ڪَمُ ڪَري ٿو؟

٢) شُروعاتي ڪامپيُوٽرَ ۽ جَديدُ ڪامپيُوٽَرَ ۾ ڪَهِڙو تَفاوَتُ آهي؟ ٿوري ۾ سَمُجهايو.

٣) ڪامپيُوٽَرَ ۽ روبو ۾ ڪَهِڙو تَفاوَتُ آهي؟

٤) ڪامپيُوٽَرُ اِنساني زِندَگيءَ جي ڪَهِڙَنِ کيتَرَنِ ۾ ڪَتَبِ آچي ٿو؟

٥) ڇا ڪامپيُوٽَرُ اِنسانَ کي پَنهِنجو غُلامُ بَڻائي سَگهي ٿو؟ جي نَہ تہ ڇو؟

سُوالُ ٢ خالَ ڀَري جُملا پورا ڪَريو :

١) ـــــ سَنہ ١٦٤٢ع ۾ ڳَڻَپَ جي مَشِين جو اِيجادُ ڪيو جَنهِن کي ـــــ ڪوٺيو ويو.

٢) ـــــ سَنہ ١٨٠١ع ۾ ڇَيِنَ ڪارڊَ جو اِيجادُ ڪيو جو ـــــ ڪامپيُوٽَرَ جو آڌارُ بَڻيو.

٣) سَنہ ١٩٤٤ع ۾ هارورڊَ يُونيورسٽيءَ ۾ ڀَهرئين ـــــ ڪامپيُوٽَرَ جو اِيجادُ ڪيو ويو.

سُوالُ ٣ ڏِنَلَ نِشانيُنِ لاءِ لَفظَ لِکو :

+ − × ÷

سُوالُ ٤ ضِد لِکو : اوکو، سادو، غُلامُ، جَديدُ.

سُوالُ ٤ مِثالَ مُوجِب لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ ١ : شُرُوعاتِ - شُروعاتي

سَرڪارِ، سُگَنِڌ، دِلِ، بَرساتِ، بازارِ.

مِثالُ ٢ : مُمڪِنُ - نامُمڪِنُ

قابِلُ، ڪامِيابُ، لائِقُ، مَنظورُ، پَسند.

مِثالُ ٣ : مَدَدَ - مَدَدگارُ

خِدمَتَ، ياد، پَرهيزَ.

سوال ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : آڳُرِيُنِ کي سَڀ کان قَدِيمُ ڪامپيُوٽَرُ ڪولِجي ٿو.

آڳُرِيُنِ کي سَڀ کان قَدِيمُ ڪامپيُوٽَرُ ڪوني سَگهجي ٿو.

١. مُلڪَ ۾ نَيُنِ ڪوچِنائُنِ جي جاڙَ آڻجي ٿي.

٢. ڀارَتَ ۾ تَعِيلَ شَيُوُن بِيَنِ مُلڪَنِ ڏانهُن موڪِلِجَنِ ٿيوُن.

٣. وگيانِي ڪوچِنائُنِ جي مَدَدَ سان مالِڪُنِ کي وَڏيڪ خُوشحالُ بَڻائِجي ٿو.

٤) ڪُنَ کي پَنهِنجو فَرضُ پالَڻَ لاءِ چَئِجي ٿو.

سوال ٧ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اُنَ جي مَدَدَ سان ڪارخانا هَلايا وَڃَنِ ٿا.

اُنَ جي مَدَدَ سان ڪارخانا هَلايا پئي ويا.

١. ڪوچِنائُنِ جو اِستعمالُ اَنيڪَ کيترَنِ ۾ ڪيو پيو وَڃي.

٢. ڪيترا ئي ڪَمَ صَحِيح نَموني ڪَرَڻَ لاءِ ڪامپيُوٽَرَ جي مَدَدَ وَرتي پيئي وَڃي.

٣. سَرحَدَ جي رَکيا لاءِ جُوانَ موڪِليا پيا وَڃَنِ.

٤. ٻارَنِ کي راندِيُون سيکارِيُون پيُون وَڃَنِ.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

# ٢٨. قومَ جو آتمِ ٻلُ

هِڪَ دَفعي گُروُ شِشُ رَتنَ تي نِڪتا، رَستي تي هلندي هَلندي شِشَ هِڪَ ٻُوٽي ڀَرسان بيهي گُروءَ کان پڇيو، ’گُروديوَ، دَيا ڪَري ٻُڌايو تہ هي ٻُوٽو گُلَ جهَليندو يا نہ؟‘

گُروديوُ ڪي پَلَ سانتِ چِتَ سان ٻُوٽي ڏانهُن نِهاريندو رَهيو پوءِ چَيائين، ’هائو ٻالَڪَ، اِهو ٻُوٽو گُلَ جَهليندو.‘

شِشَ يَڪدَم پَنهِنجي هَٿَ سان سَٽَ ڏيئي اُهو ٻوٽو پَٽي هِڪَ پاسي ڦِٽو ڪَندي چَيو، ’هاڻي ڪيئَن ايندا هِنَ ٻوٽي ۾ گُلَ؟‘

گُروديوُ مُشڪَندو اَڳتي وَڌيو ۽ شِشُ سَندسِ پُٺيان هَلَڻَ لَڳو. پاسيواري ڳوٺَ ۾ پَهُتا مَس تہ اَچي بَرساتِ پيئي. ساندَهِ سَتَ ڏِينهَن بَرساتِ هَلي جَنهِن سَبَبِ کين اُنَ ڳوٺَ ۾ ئي رَهڻو پيو. سَتَنِ ڏينهَنِ بعدِ جَڏهِن هو ساڳئي رَستي تان موٽيا پئي تہ شِشُ ڇا ڏِسي تہ اُهو ٻُوٽو اُسري بيٺو آهي ۽ اُنَ ۾ ٻہ سُندَرُ گُلَ پيا ٽِڙَنِ. هوُ اُتي ئي ڏَندين آڱريوُن ڏِيندي بيٺو رَهيو. سَندسِ عَجَبُ ڏِسي گُروديوَ چَيو، ’خَبرَ اَٿيئي تَنهِن ڏِينهُن پَنهِنجي خاموشُ نِگاهُنِ سان ڇا ڏِٺُم؟ ڏِٺُم پئي تہ هِنَ ٻوٽي ۾ غَضَبَ جو آتَمِ ٻَلُ هو. تو هِنَ کي پَٽي ڦِٽي ڪَيو، پَرَ بَرساتِ ۾ وَهي آيَلَ مِٽيءَ ۾ هِنَ وَري پَنهِنجوُن پاڙوُن پُختيوُن ڪَري وَرتيوُن ۽ ڏِسُ اَڄُ هيءُ زِندَهَ آهي، ٽِڙي پيو، مَهڪي پيو.‘

اِها ڳالهہ هَرَ قَومَ سان لاڳو ٿِئي ٿي. ڪَنهِن بہ قَومَ ۾ اِهو آتمِ ٻَلُ ڪِٿان ٿو پيدا ٿِئي؟ اِهو پيدا ٿِئي ٿو هَرَ مُشڪِلَ کي مُشڪي مُنهُن ڏِيَڻَ سان، پَختي اِرادي سان، اِرادي کي عَمَلَ ۾ آڻَڻَ سان ۽ هَرَ حالَ ۾ پاڻُ نڀائي پَنهِنجو

## اَڀياسُ

**سُوالُ ۱** سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

۱) ڇهَن گُروهَ ڪان جا پُڇيو ۽ گُروهَ جي جَواب بعد ڇُنَ جا ڪيو؟

۲) ڪَنهن بہ قومَ جي وجُود لاءِ آتم ٻَلُ ڇو ضَرُوري آهي ؟

۳) وِرهاڱي بعدِ سِنڌيُن کي ڪهڙيُن مُشڪلاتُن سان مُقابلو ڪرڻو پيو ۽ اُنَ ۾ هوُ ڪيتري ڪامياب ٿيا ؟

۴) سَنڌي سَماجَ جون ڪهڙيُون خُوبيُون آهِن ؟

۵) سِنڌيُن کي ڪهڙيءَ ڳالهِ جو اونو آهي ؟

۶) سِنڌي پَنهنجي مُلڪَ کي ڪهڙي نَمُوني خُوشحالُ بڻائي رَهيا آهِن ؟

**سُوالُ ۲** حَوالا ڏيئي سَمُجهايو :

۱) هاڻو ٻالڪَ، اِهو ٻوٽو ضَرُورُ گُلَ ڇهليندو.

۲) ڏِلِيرِ ٿيڻ تہ ڇنَ ۾ غضَبَ جو آتم ٻَلُ هو.

**سُوالُ ۳** ضِدّ لِکو : اَڳتي، خسيسُ.

**سُوالُ ۴** جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪريو :

ڏَنديِن آڱُريُون ڏيَڻُ، ڪيرَ ڪَندُ وانگُرُ مِلَڻُ، مُنهُن ڏيَڻُ.

**سُوالُ ۵** معنيٰ سَمُجهايو :

ٿوري کَٽڻي گهڻي بَرڪَت

ڇهڙو لَڳي واءُ تهڙي ڏجي پُٺ.

**سُوالُ ۶** مِثالُ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هوُ اُنَ ڳوٺَ ۾ رَهيا.

هُنُنِ کي اُنَ ڳوٺَ ۾ رَهڻو پيو.

۱) رَستو ڀُلجي پَوڻَ سَبَبِ هُنَ راتِ جهَنگَ ۾ گُذاري.

۲) اَسان اِنَ شَئِہ جا وڌيڪَ پيَسا ڀَريا.

۳) مِزمانَنِ سَبَبِ تونَ سَڄي راتِ جاڳئين.

۴) مونَ هُنَ ڏانهُن سَبَبُ رسيدوُن موڪليوُن.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

# ٢٩. نيلسن منڊيلا - زنده باد (سنپادڪي ليک)

هاڻي ڏکڻ آفريڪا ۾ پهريون چونڊون بنا رڪاوٽ جي پوريون ٿي ويون ۽ شروعاتي نتيجا اچڻ شروع ٿيا آهن. اهو ڏسي ڪري سچ پچ عجب ٿو لڳي ته ٿورائيءَ وارن راڄ ڪندڙ گورن هڪ وڪاس ڪيل واپاري ديش ۾ بنا هاهاڪار مچائڻ جي ڏکڻ آفريڪا ڪي هڪ لوڪشاهي راشٽر جي روپ ۾ تبديل ڪرڻ ۾ پورو سهڪار ڏنو. ويهين صديءَ جو هي آخرين ڏهاڪو هڪ نئين راشٽر اڀري اچڻ ڪري چوڏس جي چنڊ وانگر ٿو چمڪي ۽ پردي پٺيان انهن هزارين ماڻهن جي پڪارن جا آواز اچي رهيا آهن جن رنگ ڀيد خلاف ڪشمڪش ڪئي هئي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته نيلسن منڊيلا هن نئين ملڪ جو هڪ 'سپر هيرو' آهي جنهن لوڪشاهيءَ لاءِ هلچل هلائيندي زندگيءَ جو ٢٥ سالن کان به وڌيڪ عرصو جيلن ۾ گذاريو. پر هن نئين راشٽر جي نرماڻ ۾ هاڻوڪي راشٽرپتيءَ ايف. ڊبليو. ڊي. ڪلارڪ جي شاندار ڀومڪا آهي جنهن ڏکڻ آفريڪا جي ظلمن ۽ ڪمزورين کان آزاد ڪرڻ ۾ سهڪار ڏنو ۽ رنگ ڀيد پيدا ڪندڙ گروپ 'ائرياز ائڪٽ' وغيره کي هوريان هوريان مٽائي ڇڏيو. اهو چمتڪاري اثر ايڪتا ۽ اٽوٽ ڪوششن جو آهي. نيلسن منڊيلا ۽ ايف. ڊبليو. ڊي. ڪلارڪ ٻنهين جي ڀومڪا ته آهي ئي آهي پر 'زولو' نيتا منگوسٿو ٻٿليجي به پٺتي نه پيو. آخر ۾ چونڊ جا ڪارڻ سمجهي، ٻهشڪار جي بدنصيبيءَ جي نعري کان ڪنارو ڪري هن جي پارٽي 'الڪاٿا فريڊم' به چونڊن ۾ شامل ٿي. ووٽنگ لاءِ اٿاهه اتساهه ۽ امنگ ڏکڻ آفريڪا جي ووٽرن ۾ هو. اهو ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ماڻهن ۾ پنهنجي آئيندي ناهڻ

ڏي. ڪِلارڪ جي نئشنلَ پارٽيءَ کي ۲۰ کان ۲۵ سيڪڙو تائين ووٽ مِلي سگهن ٿا. بٿليزي کي اڪانٿا فريڊمَ پارٽيءَ کي ٻہ ۷ سيڪڙو جي آسپاس ووٽ مَلڻُ گُهرجَن. اِنهيءَ جو مَطلبُ اِهو ٿِيندو تہ مَنڊيلا ديشَ جو نئون راشٽرپتي ٿِيندو جيڪو ۱۰ ميءَ تي طاقتَ ۾ ايندو. اِقرارَ مُوجِبِ ۲۰ سيڪڙو کان وَڌيڪ ووٽ کَڻَڻَ وارِيُن پارٽيُن مان ۲ اُپ راشٽرپتي ڪَيا وِيندا تَنهِن کَري هِڪُ اُپراشٽرپتي نئشنلَ پارٽيءَ جو ٿِيندو جَنهِن لاءِ هاڻوڪي راشٽرپتيءَ ڏي. ڪِلارڪ جو نالو ٿو کَنيو وَڃي. چُونڊُن ۾ ڪلارڪ بِلڪُلُ صَبرَ ۽ دِل وجانَ سانِ ڪارِيہُ ڪَيو ۽ هُنَ اِهو بہ مَحسُوسُ ڪَيو تہ مَنڊيلا سان گَڏُ ڪارِيہُ ڪَرَڻ ۾ هُنَ کي ڪابہ رَنڊڪَ پيشِ ڪونہ آئي. هَرڪا پارٽي جيڪا ۵ سيڪڙو ووٽ حاصِلُ ڪَندي اُها ۲۷ ميمبرَنِ واري مَنتري مَنڊَلَ لاءِ پَنهِنجي اُميدوارَ کي چُونڊائي سَگهي ٿي. ظاهِرُ آهي تہ مَنڊيلا کي يَڪراءِ جي آڌارَ تي ئي ۵ سالَ پورا ڪَرِڻا پَوندا.

آفريڪي نئشنل ڪانگريس کي ڪُشاديءَ دِلِ وارَنِ گورَنِ ۽ هَندُستانيُنِ جي حِمايَتَ آهي پَرَ اُنهَنِ کي پَنهِنجو ساٿي بَڻائي رَکَڻَ لاءِ اِنهَنِ ۾ نئون اُتساهُ پيَرَڻَ جي دَرڪارَ آهي. مَنڊيلا ۽ هُنَ جي پارٽي ڄاڻي ٿي تہ ڪينِ ڪارَنَ ماڻهُنِ جي اُميدُنِ کي پوُرو ڪَرَڻَ لاءِ ڪُجُهہ ڪَرِڻو پَوندو. هُنَ جي پارٽي ايندَڙَ ۱۰ سالَنِ ۾ ۲۵ لَکَنِ ماڻهُنِ کي نوڪريُون ڏِيَڻَ، ۱۰ لَکَ گَهرَ نَهِرائِڻَ ۽ ۲۵ لَکَنِ ڳوٺَنِ ۽ شَهِري مَڪانَنِ ۾ بِجِلي لَڳائِڻَ جو وَچَنُ ڏِنو آهي. اِنهيءَ مان ظاهِرُ آهي تہ اِهو هِڪُ وَسِيع پروگرامُ آهي ۽ اِنهيءَ لاءِ بيشُمارُ پيَسو کپي. ڪُجُهہ بہ هُجي اِنهَن جو ڪَمُ سَوَلو ڪانهي. آخِر دِلِ جي گَهرائيءَ مان هي سونَهري شَبدَ ضَرُورُ نِڪَرندا، 'شاباسِ! شاباسِ!

نئلسَنَ مَنڊيلا تو جيلَ جُون سَختيُون ٢٥ سالَ ساندِءِ سَليُون. نيتِ تو ڇهڙي مُلڪي مَحبُوبَ ڏکڻ آفريڪا ۾ لوڪشاهي آندي ۽ باپوءَ جو سُپنو ساڪارُ ڪري سَنسارَ اڳيان 'سَتيهَ ميوَ جيَتي' جو سَچو مِثالُ قائِمُ ڪيو.

(هِندُستانُ - مُمبئي، ٻُڌَرُ ۴ ميءِ ١٩٩۴ع.)

چُونڊُ نَوان لَفظَ :

ڪَشمڪش = سَنگهَرش ؛ هوريان = آهِستي، ڌيري ؛ شاهي = تَمامُ وَڏو، وِشالُ؛ آدَمُ = ماڻهو، جَنتا ؛ ضابطو = اَنُوشاسَنُ، اِختياري ؛ اِقرارُ = سَمجهوتو ؛ مِيادُ = مُدو، مُقرَرُ وقتُ ؛ مَدارُ = آڌارُ ؛ دِل و جان سان = پوريءَ لَگَن سان ؛ رَنڊڪ = رُڪاوَٽ ؛ ڪُشادو = وِشال، تَمامِ وَڏو ؛ ذَرڪارُ = ضَرورَتَ ؛ سَختي = مُشڪِلاتَ ؛ مُلڪي مَحبُوبُ = ديش پريمي.

## اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) ڏکڻ آفريڪا جي چُونڊُنِ وَقتِ راڄُ ڪندڙَ گورَنِ ڪهڙو رُخُ اپنايو؟

٢) نيلسَن مَنڊيلا کي نئين مُلڪَ جو 'سُپَر هِيرو' ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي ؟

٣) ڏکڻَ آفريڪا ۾ ٿِيَلَ چُونڊُن جي طَريقي جُون مُکيه خاصيَتُون ڪهڙيُون آهِن ؟

۴) نئين سَرڪارِ ڏکڻ آفريڪي لوڪَن جي خُوشحاليءَ لاءِ ڪهڙا ڪَمَ پورا ڪَرڻ جو فيَصلو ڪيو آهي ؟

۽ رائيءَ جي جُدا جُدا نَون ٻِجَن جو وِڪاس ڪَيو آهي.

هُنَ ٻُڌايو تہ وِگيانيُن چانوَرَن لاءِ نَوان ١٢ قِسمَن جا ٻِج، ڪَڻڪَ لاءِ ١٣ ۽ رائيءَ لاءِ ٣ قِسمَن جي ٻِجَن جو وِڪاسُ ڪَيو آهي.

ڊاڪٽرَ جاکَڙَ ٻُڌايو تہ اِهي نَئين قِسمَن جا ٻِجَ ڪِسانَن کي ڏنا ويندا تہ جيئَن هُو پَنهِنجي پَيداوارِيءَ کي وَڌائِين.

## (٢) وِديشي سيَلانيُن مان وَڌيَلُ ڪَمائي

ڏهِلي يو.اين.

وِديشي سيَلانِي جي سيَروسفَرَ ۽ ڀارَتَ جي پَراچِين سَڀيَتِڪَ ۽ اِتِهاسِڪُ جاڳِ حاصِلُ ڪَرَڻَ لاءِ هِتي اَچِن ٿا، تِن مان مارِچ مَهِني تائين گُذرِيَلَ سالَ کان وَڌيڪَ وَديشي سِڪي جي حاصِلاتَ ٿي آهي.

چالوُ سالَ ۾ مارِچ مَهِني تائين ڀارَتَ ۾ ١,٨٧,١٤٦ وِديشي سيَلانِي آيا آهِن، جڏهِن ڪِ گُذرِيَلَ سالِ اَن عَرصي اَندَرِ ١,٤٦,١٩١ وِديشي سيَلانِي آيا هُئا.

هِڪَ سَرڪارِي خَبَرَ مُوجِبِ گُذريَلَ سالِ وِديشي سيَلانيُن مان ٢٢٩.٤٨ ڪِروڙَ وديشي سِڪو حاصِلُ ٿيو هو جڏهِن ڪي هِنَ سالِ ٢٥٣.٦٩ ڪِروڙَ ڪَمائي ٿِي آهي.

* * * * *

# ٣٠. دوست ڏانهن خطُ

پُونو
١ جنوري ١٩٩٧

پيارا دوست روشن،

نئين سال جون لک لک واڌايون. مان هت ايشور جي ڪرپا ۽ توهان دوستن جي شڀ ڪامنائن سان مزي ۾ آهيان. اميد ته توهين سڀ به ڪٽنب سميت خوش پرسن هوندا.

مون توکي پهرئين خط ۾ هتي جو سمورو احوال ڏنو هو ۽ ڄاڻايو هو ته هت اسان جو سنڌي ٻوليءَ جو ڪورس ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي بنيادي، درمياني ۽ اوچ. بنيادي ڪورس ۾ اسانکي ٻوليءَ جي بنيادي بناوت جو اڀياس ڪرايو ويو جيڪو آڪٽوبر تائين هليو. هاڻي درمياني ڏاڪو هاڻي پورو ٿيڻ تي آهي. ان دوران اسان کي سولي ٻوليءَ جي استعمال جي اڀياس سان گڏوگڏ سنڌي سماج جي مختلف پهلن جي ڄاڻ پڻ ڏني ويئي. ايندڙ هفتي ان جو امتحان آهي، بعد اسين ٻن هفتن لاءِ سنڌي ماحولي سير تي ويندا سين. سنڌي ڪالونيون گهمنداسين، تعليمي ۽ سماج شيوي سنستائون ڏسنداسين، اديبن، تعليم دانن، سماج شيوڪن، واپارين ۽ عام ماڻهن سان گڏجنداسين. سنڌن رهڻي ڪهڻيءَ، ريتين رواجن جو اڀياس ڪنداسين. سنڌن خوبين خامين، يوگدان ۽ مسئلن کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ڇو ته سنڌي پڻ اسان جي سماج جو ئي اڻونڊيو حصو آهن. هو ته جتي وڃن ٿا اتان جي ٻولي سکيو وڃن ٿا ۽ مڪاني ماڻهن ۾ هر نموني رلي ملي وڃن ٿا. پر اسان سنڌي سماج جي ايترو ويجهو نه ويا آهيون. اسان کي سنڌن ٻوليءَ، ريتين رواجن ۽ ادب جو اڀياس

ڪَرَڻُ گھرجي. اِنَ مُرادَ سان ٿي اَسِين ماحولي سيَرَ تي وَڃي رَهيا آهيُون. اِنَ لاءِ اَسان جي سائِينءَ اَڳُ ۾ ئي پُورو پروگرامُ رِٿيو آهي. هَرَ هنڌِ رَهائِش، گَڏِجاڻيءَ وَغيرَهَ لاءِ خاصِ شخصيَتُنِ سان لِکَ پَڙهَ ڪئي آهي.

پروگرامَ مُوجِبِ اَسِين ١٨-١-٩٧ کان ٣١-١-٩٧ تائِين سِنڌُونگر، مُمبئي ۽ گانڌِيڌامُ گھمَنداسِين.

توکي ڄاڻُ آهي تہ مُمبئيءَ جي پَرسان ٿاڻي ضِلعي ۾ اُلهاسنگرُ سِنڌِيُنِ جو سڀَ کان وَڏو مَرڪَزُ آهي. هِتي پَنجَنِ ڪئمپُنِ ۾ اَٽِڪَلَ ٻہ لَکَ سِنڌي رَهَنِ ٿا، اِنَ ڪري ئي هِنَ کي سِنڌُونگَرُ پِڻِ ڪوٺيو وَڃي ٿو. هِتِ هَرَ هَنڌِ ننڍا وَڏا ڪارخانا ۽ گھرو هُنَرَ هَلِنِ ٿا اِنَ ڪري هِنَ کي مِني جَپانُ بہ چَوَندا آهِنِ. هِتِ روزمَرَهَ جي گھرجَ جي هَرَ شَئہ ٺهي ٿي. هي واپارَ جو وَڏو مَرڪَزُ آهي. مُلڪَ جي جُدا جُدا ڀاڱَنِ کان ماڻهُو خَريداريءَ لاءِ هِتِ اَچِنِ ٿا. هَتان ٻين مُلڪَنِ ڏانهُن پِڻِ وَڏي پيَماني تي مالُ موڪِليو وَڃي ٿو.

سِنڌُونگَرَ ۾ سِنڌِيُنِ اَنيڪُ عاليشانُ تعليمي سَنسٿائُون کوليُون آهِنِ جِتِ هَرَ قومَ جا هَزارين شاگِردَ تعليمَ حاصِلُ ڪَنِ ٿا. هِتِ شانتي پَرڪاشَ آشرَمُ، ٻُڌا آشرَمُ، ناري شالائُون وَغيَرَهَ اَنيڪُ سَماج شيوي سَنسٿائُون آهِنِ جِنِ لاءِ سِنڌي واپاري دِلِ کولي دانُ ڪَنِ ٿا.

اَسِين سِنڌُونَگَرَ ۾ پَنجَ ڏينهَن رَهَنداسِين. پَنجَ ئي ڪئمپُون گھمَنداسِين، مُکيہ سَنسٿائُون ڏِسَنداسِين ۽ ڪُجھہ خَريداري بہ ڪَنداسِين. بعدِ اَسِين مُمبئيءَ ڏانهُن رَوانو ٿينداسِين.

واپارَ جي لِحاظَ کَان مُمبئي اَسان جي مُلڪَ جو سڀَ کان وَڏو مَرڪَزُ آهي. مُمبئيءَ کي اَڏَڻَ ۾ سِنڌي واپارِيُنِ ۽ ڪارخانيدارَنِ جو پِڻِ ڪافي يوگدانُ رَهيو آهي. هِتي سَندَنِ

سان ڳالهائيندا سين ۽ ٻولائيندا سين. سندن لوڪ گيتن ۽ لوڪ سنگيت جي موج ماڻيندا سين.

پورا ٻه هفتا سيلانين جيان پيا گهمندا سين؛ پيا سنڌي سماج جو اڀياس ڪندا سين. اسين ايترو ته رڌل رهندا سين جو مٽي ڪنهن جي به فرصت نه ملندي. ماحولي سير تان موٽي اچي مونکي سفرنامو لکڻو آهي. توکي به سمورو احوال ڏيندس.

مان هن مهني ماحولي سير تي وڃي رهيو آهيان ان ڪري گهر پيسا نه موڪلي سگهندس. بابا جي علاج لاءِ يا ٻئي ڪنهن ضروري خرچ لاءِ پيسا کپن ته هزار ڪن ڏجانئن. موٽي اچي موڪليندو سانءِ.

منهنجو ڪڪو گوبند تنهنجي ئي ڪلاس ۾ آهي، سو پنهنجي اکڙ ۾ رکجانئس. هن سال بورڊ جو امتحان اٿس. سٺيون مارڪون کڻندو ته ڪاليج ۾ داخلا ملي سگهندس.

تو لکيو هو ته منهنجو ڪو دوست سنڌي سکڻ چاهي ٿو سو جڏهن مان هوليءَ تي گهر ايندس تڏهن پاڻ سان گهربل فارم کڻي ايندس. تون ڪنهن قسم جو خيال نه ڪج کيس داخلا ملي ويندي.

هاڻي امڙ جي طبيعت ٺيڪ هوندي. منهنجي رامست چئجانئس ۽ منهنجي پاران پيرن تي هٿ رکجانئس. پاپي ۽ ٻار مزي ۾ هوندا.

سڀني ساٿين لاءِ نمستي ۽ شاگردن لاءِ پيار.

تنهنجو دوست،
راجيش شرما.

روشن لال ڏبي،
نيتاجي هاءِ سڪول، پراڻي برتن منڊي،
پوسٽ: بريلي (اتر پرديش).

چونڊ نوان لفظ :

خوبي = خاصيت، گڻ؛ خامي = دوش، ڪمي؛ مُرادَ = اُديش، مقصدُ؛ گڏجاڻي = مُلاقات؛ برک = مشهورُ؛ ڏاري = لڳ ڀڳ؛ آگ بوٽ = اِسٽيمرُ؛ جَنڊي= ڪاٺ تي لاک سان رڱائيءَ جو ڪمُ؛ سيلاني = سير ڪندڙ.

چونڪي : خدا جي بندگيءَ يعني پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ ڀڄن نما ڪلامَ ۽ صوفي ڪلامَ ڳائجن ٿا. ڪلامن جي وچ وچ ۾ اُنَ وشيہ سان واسطو رکندڙ ڏوهڙا ۽ بيت چيا وڃن ٿا. اِنَ کي چونڪي ڪوٺجي ٿو.

## اڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالن جا جواب لِکو :

١) نئين ٻولي سيکارڻ جو پروگرامُ ڪيترن ۽ ڪهڙن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي؟

٢) راجيشُ ماحولي سيرَ تي ڪهڙي مقصد سان ۽ ڪيڏانهن وڃڻو هو؟

٣) سنڌونگرَ کي 'مِني جپانُ' ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي؟

٤) ماحولي سيرَ دوران راجيشَ ۽ سندس سائين جو ممبئيءَ ۾ ڪهڙو پروگرامُ آهي؟

٥) گانڌيڌام کي سِنڌين جو پنجون ڌامُ ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي؟ اُتان جي خاصيتن جو ٿوري ۾ بيان ڪريو.

سُوالُ ٢ پنهنجي دوست کي خطُ لِکو جنهن ۾ کيس ڪا نئين ٻولي سکڻ جي صلاح ڏيو.

سُوالُ ٣ ضد لِکو : عامُ، خوبي.

سُوالُ ۴ مِثالَ مُوجِبَ لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : سَفَرُ - سَفرنامو

اِقرارُ، قَسَمُ، دعوَت، هِدايَت، سُوالُ.

سُوالُ ۵ صَحيح لَفظَ چُونڊي خالَ ڀَري جُملا پُورا ڪريو :

(پَنجون، پنجين، پَنجين، پَنجَئي)

١) اَسين ـــــ تاريخَ ڪَلڪتي ويندا سين.

٢) هُنَنِ کي ـــــ تجي تائين آفيس ۾ وهارڻو پَوَندو.

٣) هوءَ ڪلاس ۾ ـــــ نمبَرَ آئي.

۴) هُنَ جا ـــــ پائرَ آيا هُئا.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِبُ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : پيرَنِ تي هَٿُ رَکجانئِس.

هُنَ جي پيرَنِ تي هَٿُ رَکجانءِ.

تُون هُنَ جي پيرَنِ تي هَٿُ رَکج.

١) خَطُ لِکجانئِس.

٢) وَري وَلي اَچجانئِن.

٣) آڪالي ٻُڌائِجانئِس.

۴) سِنڌي سيکارجانئِن.

* * * * *

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڳُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجھَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)